روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
REG NO. 3833
ABC Certified
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) آچر03مارچ2024 ع بمطابق21شعبان المعظم 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو:278

گم ٿيلن جو مسئلو پارلياماني ڪميٽي ذريعي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين: بلاول

اسان بينظير ڀٽو شهيد جي مفاهمت جي سوچ سان بلوچستان ۾ حڪومت هلائينداسين، صوبي جا مسئلا ڪو هڪ شخص يا سياسي جماعت حل نٿي ڪري سگهي

پ پ سنڌ ۽ بلوچستان ۾ حڪومت سنڀالي رهي آهي، سرفراز بگٽي وڏي وزير طور پنهنجو پهريون دورو گوادر جو ڪندو، هو عوام ڪي رليف ڏيڻ جو اعلان ڪندو

پارليامينٽ کان ٻاهر ويٺل اسٽيڪ هولڊرن کي انگيج ڪنداسين، محمود خان اڇڪزئي صدارتي چونڊ لاءِ جيڪڏهن پي ٽي آءِ جو اميدوار بڻجندو ته پاڻ کي قوم پرست نه چئي سگهندو

اسان جي ڪوشش هوندي ته بلوچستان ۾ سيني کي گڏجي فهم ۽ فراست سان وٺي هلون ۽ پيپلزپارٽي جي نظريي تي عمل ڪندي بلوچستان جي عوام جي خدمت ڪريون ۽ سندن مسئلا حل ڪريون

جيڪڏهن وفاق ۾ پارٽي جي حڪومت هجي ها ته سخت قدم کڻي عوام کي رليف ڏئي ها، اسان جي ڪوشش هوندي ته بلوچستان جي عوام کي وڌيڪ شهادتون قبول نه ڪرڻ گهرجن

ڪوئيٽا (م ر) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته بلوچستان جا مسئلا تمام گهڻا آهن ۽ اسان بينظير جي مفاهمتي سوچ موجب گم ٿيل ماڻهن جو مسئلو پارلياماني ڪميٽي ذريعي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين. ڪوئيٽا ۾ صحافين سان ڳالهائيندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته گم ٿيل ماڻهن جي مسئلي جو حل پارلياماني ڪميٽي ناهي ڳولڻ جي ڪوشش ڪنداسين، پارليامينٽ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪوئيٽا: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پريس ڪانفرنس ڪندي

سنڌ جي سينيٽ جي 2 سيٽن تي چونڊ شيڊول جاري، سنڌ اسيمبليءَ ۾ پولنگ 14 مارچ تي ٿيندي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ سينيٽ جي 2 سيٽن تي چونڊ شيڊول جاري ڪري ڇڏيو اليڪشن ڪمشنر سنڌ کي سينيٽ چونڊن جو رٽرننگ آفيسر مقرر ڪيو ويو آهي. سينيٽ چونڊن لاءِ سنڌ اسيمبلي ۾ پولنگ 14 مارچ تي ٿيندي، ووٽنگ صبح 9 وڳي کان شام 4 وڳي تائين جاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

وزيراعظم جي چونڊ اڄ ٿيندي، شهباز شريف ۽ عمر ايوب جا نامزدگي ڪاغذ منظور

ليگي اڳواڻ سينيٽر اسحاق ڊار اتحادي پارٽي جي اڳواڻن سان گڏ شهباز شريف جا نامزدگي ڪاغذ پارليامينٽ هائوس چيمبر ۾ قومي اسيمبلي جي سيڪريٽري وٽ جمع ڪرايا

سني اتحاد ڪائونسل جي اسيمبلي ميمبرن اسد قيصر، علي محمد خان، عامر ڊوگر، جنيد اڪبر، عمر ايوب جا نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا، ميمبر نعرا لڳائيندي اسپيڪر آفيس پهتا

اسپيڪر اياز صادق ٻنهي اميدوارن جا نامزدگي ڪاغذ منظور ڪري ورتا، قومي اسيمبلي اڄ نئين وزيراعظم جي چونڊ ڪندي ۽ اجلاس اڄ ڏينهن جو 11 وڳي ٿيندو

وزيراعظم جي چونڊ لاءِ سادي اڪثريت حاصل ڪرڻ لازمي، 336 جي ايوان ۾ 169 ووٽ کڻندڙ کي وزيراعظم قرار ڏنو ويندو، شهباز شريف کي 200 کان وڌيڪ ووٽ ۽ عمر ايوب خان کي 90 کان وڌيڪ ووٽ ملڻ جو امڪان

پي ٽي آءِ وارا عزت، احترام، تهذيب جي لفظن کان بي خبر آهن، سياسي مخالف عورتن جي عزت ۽ احترام جي ابتڙ رويو اختيار ڪرڻ وارن منهن ڏيڻ ڄاڻون ٿا: شهباز شريف

اسلام آباد (م ر) وزيراعظم جي چونڊ لاءِ (ن) ليگ جي صدر شهباز شريف ۽ پي ٽي آءِ جي اڳواڻ عمر ايوب جا نامزدگي ڪاغذ منظور ڪيا ويا آهن. ليگي اڳواڻ سينيٽر اسحاق ڊار اتحادي پارٽي جي اڳواڻن سان گڏ شهباز شريف جا نامزدگي ڪاغذ پارليامينٽ هائوس چيمبر ۾ قومي اسيمبلي جي سيڪريٽري وٽ جمع ڪرايا. سني اتحاد ڪائونسل اسيمبلي ميمبرن اسد قيصر، علي محمد خان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد: اڳوڻي صدر آصف علي زرداري سان اي اين پي جو وفد ملاقات ڪندي

صدر جي سيٽ لاءِ آصف زرداري ۽ محمود اڇڪزئي نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائي ڇڏيا

سينيٽ ۽ قومي اسيمبلي ۾ صدارتي چونڊن لاءِ چيف جسٽس اسلام آباد هاءِ ڪورٽ کي پرزائيڊنگ آفيسر مقرر ڪيو ويو

فاروق ايڇ نائيڪ ۽ سليم مانڊوي والا اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ آصف علي زرداري جا نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا

سني اتحاد ڪائونسل طرفان لطيف کوسه، عمر ايوب خان ۽ ٻين اڳواڻن محمود خان اڇڪزئي جا نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا

اسلام آباد (م ر) صدر جي سيٽ لاءِ آصف علي زرداري ۽ محمود خان اڇڪزئي نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائي ڇڏيا آهن. فاروق ايڇ نائيڪ ۽ سليم مانڊوي والا چيف جسٽس اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي عدالت ۾ صدر جي سيٽ لاءِ آصف علي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

آءِ ايم ايف پاران پگهاردار ۽ غير پگهاردار طبقي تي ٽيڪس وڌائڻ جو مطالبو

اسلام آباد (م ر) عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) تنخواهه ڏيندڙ ۽ غير پگهاردار طبقن تي ٽيڪس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ايم ڪيو ايم سائنس ٽيڪنالاجي ۽ حج جي وزارت وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

ڪابينه ۾ وزيرن جو انگ 20 ٿيڻ تي ايم ڪيو ايم کي 2 وزارتون ملڻ جو امڪان

ايم ڪيو ايم جو هڪ گروپ ڪامران ٽيسوري ٻيو خوش بخت شجاعت کي گورنر بڻائڻ جو خواهشمند

لاهور (م ر) ايم ڪيو ايم کي سنڌ جي گورنر شپ کان علاوه 2 کان 3 وزارتون ملڻ جو امڪان آهي، جڏهن ته ايم ڪيو ايم سائنس ٽيڪنالاجي ۽ حج جي وزارت وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. ذريعن موجب (ن) ليگ ڪابينه جي وزيرن جو انگ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

آصف زرداري کي صدر بڻائڻ لاءِ ايم ڪيو ايم کان به ووٽ وٺنداسين: مراد علي شاهه

خيبر پختونخواهه جي نئين چونڊيل وڏي وزير علي امين گنڊاپور جي تقرير سان خبر پئي ته پارٽي گائيڊ لائن ڇا آهي

صدارتي چونڊن ۾ ووٽ لاءِ ايم ڪيو ايم وٽ به ويندا سين، ايم ڪيو ايم سان ماضي ۾ سٺا لاڳاپا رهيا

اسان جي لوڪل گورنمينٽ هن وقت امپاور آهي، ايم ڪيو ايم جي بلديات بابت ڊيمانڊ پنجاب لاءِ ٿي سگهي ٿي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته صدر جي ووٽ لاءِ ايم ڪيو ايم/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

انوار الحق ڪاڪڙ وزيراعظم هائوس خالي ڪري ڇڏيو، منسٽر انڪليو منتقل

اسلام آباد (م ر) نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ وزيراعظم هائوس خالي ڪري روانو ٿي ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

سيوهڻ: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه قلندر شهباز جي درگاهه تي گل چاڙهيندي

برآمد کي وڌائڻ جو حل توانائي جي قيمتن ۾ گهٽتائي آهي: گوهر اعجاز

صنعتون برآمد جي ذريعي روزگار فراهم ڪري رهيون آهن

فيصلو ڪرڻو پوندو ته صنعتون هلائڻيون آهن يا سبسڊي فراهم ڪرڻي آهي

اسلام آباد (م ر) نگران وفاقي وزير گوهر اعجاز چيو آهي ته برآمد کي وڌائڻ جو حل توانائي جي قيمتن ۾ گهٽتائي آهي. هن چيو ته صنعتون برآمد جي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

تحريڪ انصاف جو احتجاج، اسلام آباد ۾ قلم 144 لاڳو ڪيو ويو

هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ سي ٽي ڊي جي دستن کي به مقرر ڪيو ويو

شهري سفر دوران ضروري سڃاڻپ ڪارڊ پاڻ سان گڏ رکن: پوليس

اسلام آباد (م ر) عام چونڊن ۾ ڌانڌلي خلاف پاڪستان تحريڪ انصاف طرفان احتجاج جي سڏ کان پوءِ وفاقي گادي واري شهر ۾ قلم 144 لاڳو ڪيو ويو آهي. اسلام آباد پوليس جي ترجمان موجب گادي واري شهر ۾ سيڪيورٽي هاءِ الرٽ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

چونڊن ۾ ڌانڌلي خلاف پي ٽي آءِ جو ملڪگير احتجاج، 8 ڪارڪن گرفتار

لاهور ۾ پوليس پي ٽي آءِ جي ڪيترن ئي ڪارڪنن کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو، لاٺي چارج

اسلام آباد ۾ به نيشنل پريس ڪلب آڏو احتجاج، عمران خان جي تصويرن سان گڏ پلي ڪارڊ کڻي مارچ

تحريڪ انصاف جا ڪارڪن ۽ انصاف لائرز فورم جا وڪيل به لاهور هاءِ ڪورٽ ٻاهران گڏ ٿيا

اسلام آباد (م ر) پاڪستان تحريڪ انصاف پاران چونڊن ۾ ڌانڌلي خلاف ڪراچي ۽ لاهور سميت ملڪ جي مختلف حصن ۾ احتجاج جو سلسلو جاري آهي، لاهور ۾ پوليس پي ٽي آءِ جي ڪيترن ئي ڪارڪنن کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

محمود خان اڇڪزئي جي مولانا فضل الرحمان سان ملاقات، صدارتي چونڊ لاءِ ووٽ گهري ورتو

محمود خان اڇڪزئي مولانا فضل الرحمان جي رهائشگاهه تي پهتو، مولانا پاران پارٽي سامهون معاملو رکڻ جو آسرو

اسان جو پراڻو تعلق آهي، اسان ڪافي وقت گڏ تحريڪ ۾ گذاريو آهي اميد آهي ته اوهان اسان کي سپورٽ ڪندو: محمود اڇڪزئي

اسان جي پارٽي فيصلو ڪيو آهي ته ڪنهن به چونڊ عمل جو حصو نه بڻجنداسين، مشورو ڪرڻ کان پوءِ اوهان کي آگاهه ڪنداسين: مولانا

اسلام آباد (م ر) سني اتحاد ڪائونسل طرفان صدر جي اميدوار محمود خان اڇڪزئي مولانا فضل الرحمان کان ووٽ گهري ورتو، فضل الرحمان معاملو پارٽي جي سامهون رکڻ جو چئي ڇڏيو آهي. رپورٽ موجب سني اتحاد ڪائونسل طرفان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ڪراچي ۾ هاڻ برسات جو ڪو امڪان ناهي: موسميات کاتو

شهر ۾ ڪجهه ڏينهن تائين ڪوئيٽا جون ٿڌيون هوائون گهلنديون رهنديون

غير موسمي ٿڌ جي اها لهر مختصر دورانيي جي آهي، پارو 11 کان 9 ڊگري تائين ڪري سگهي ٿو

ڪراچي (رپورٽر) موسميات کاتي ڪراچي ۾ ٿڌ جي تازي لهر کي غير معمولي قرار ڏئي ڇڏيو موسمياتي تجزئي نگار موجب اولهه هوائن جو سسٽم ڪراچي مان نڪري چڪو آهي ۽ شهر ۾ هاڻ برسات جو ڪو امڪان ناهي. جڏهن ته اوپر سنڌ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اڇڪزئي کي نامزد ڪندي پي ٽي آءِ برانڊ تبديل ڪيو: خواجا آصف

جڏهن برانڊ تبديل ٿئي ٿو ته ليڊر به تبديل ڪيو وڃي ٿو

شهباز شريف کي گهٽيون آڇون مليون، پر هن پاءُ سان وفا ڪئي

اسلام آباد (م ر) نوازليگ اڳواڻ خواجا آصف چيو آهي ته محمود خان اڇڪزئي کي نامزد ڪندي پي ٽي آءِ برانڊ تبديل ڪيو آهي، جڏهن برانڊ تبديل ٿئي ٿو ته ليڊر به تبديل ڪيو وڃي ٿو هن وڌيڪ چيو ته شهباز شريف کي گهڻيون آڇون مليون، پر هن پاءُ سان وفا ڪئي، ٻين کي لوٽو لوٽو چوڻ وارا پاڻ لوٽن جي جڇ گڏ ڪري رهيا آهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

خيبر پختونخواهه: برساتن ۽ لينڊ سلائيڊنگ سبب فوتين جو انگ 17 ٿي ويو

برساتن سبب 13 گهرن کي جزوي ۽ 21 گهرن کي مڪمل طور نقصان پهتو آهي: پي ڊي ايم اي

امدادي ڪارروائيون جاري آهن، برفباري ۽ لينڊ سلائيڊنگ سبب بند روڊ کولڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن

پشاور (م ر) خيبر پختونخواهه ۾ جاري برساتن ۽ لينڊ سلائيڊنگ سبب هيل تائين 17 ڄڻا فوت ۽ 23 زخمي ٿي پيا آهن. پي ڊي ايم اي جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اڳ به ووٽ چوري ٿيندا هئا، هن ڀيري به نتيجا چوري ٿيا: سراج الحق

افسوس جي ڳالهه آهي ته جن فارم 45 کٽيا اهي ٻاهر آهن

عوام ڌانڌلي وارين چونڊن کي گڏيل طور تي رد ڪري ڇڏيو آهي

اسلام آباد (م ر) امير جماعت اسلامي سراج الحق چوڻ آهي ته ملڪ ۾ اڳ به ووٽ چوري ڪيا ويا، هن ڀيري به نتيجو چوري ٿيو. افسوس جي ڳالهه آهي ته جن فارم 45 کٽيا اهي ٻاهر آهن ۽ جن وٽ فارم 47 آهي اهي حلف کڻي رهيا آهن. منصوره ۾ نيشنل فيڊريشن آف ليبر جي اجلاس کانپوءِ پريس ڪانفرنس ڪندي سراج الحق/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

خيبر پختونخواهه جي نئين چونڊيل وڏي وزير علي امين گنڊاپور حلف کڻي ورتو

حلف برداري جي تقريب گورنر هائوس پشاور ۾ منعقد ٿي، علي امين گنڊاپور کان گورنر غلام علي حلف ورتو

پي ٽي آءِ ڪارڪنن جي پوليس سان سخت جملن جي ڏي وٺ پڻ ٿي مهمانن جي ڪرسين تي ڪارڪنن قبضو ڪري ورتو

پشاور (م ر) خيبرپختونخواهه جي نئين چونڊيل وڏي وزير علي امين گنڊاپور عهدي جو حلف کڻي ورتو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪوئيٽا: بلوچستان جو گورنر سرفراز بگٽي کي وڏو وزارت جو حلف کڻائيندي

سرفراز بگٽي وڏي اڪثريت سان بلوچستان جو وڏو وزير چونڊجي ويو، حلف کڻي ورتو

پ پ اميدوار مير سرفراز بگٽي کي 41 ميمبرن ووٽ ڏنو، وڏي وزير جي چونڊ لاءِ 33 ووٽن جي ضرورت هئي

بلوچستان جي وڏي وزير جي چونڊ ۾ جي يو آءِ ۽ نيشنل پارٽي جي صوبائي اسيمبلي ميمبرن راءِ شماري ۾ حصو نه ورتو

ڪوئٽا (م ر) پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ مسلم ليگ (ن) جو گڏيل اميدوار مير سرفراز بگٽي وڏي اڪثريت/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

خيبر پختونخواهه ۾ برسات جو سلسلو جاري، ڇپون ڪرڻ سبب ٻارن سميت 13 ڄڻا فوت

وقفي وقفي سان پوندڙ برسات سبب هيٺاهين وارا علائقا پاڻي هيٺ اچي ويا، زندگي جو نظام مفلوج ٿي ويو

لوئر دير جي علائقي ۾ هڪ گهر جي ڇت تي مٽيءَ جي ڇپ ڪرڻ سبب 3 ڄڻا فوت ٿي ويا، هڪ زخمي

تازن برساتن جي نتيجي ۾ ٻٽ خيل، خٽڪي قبرستان ڀرسان گهر جي ڇت ڪرڻ تي 5 ڄڻا دٻجي ويا

پشاور (م ر) خيبرپختونخواهه ۾ برسات ۽ برفباري جو سلسلو جاري آهي. جنهن دوران گهرن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

اسلام آباد: صدر عارف علوي تقريب کي خطاب ڪندي

چيف جسٽس اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۽ لطيف کوسا ۾ دلچسپ جملن جي ڏي وٺ

اسلام آباد (م ر) چيف جسٽس اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۽ لطيف کوسا وچ ۾ دلچسپ جملن جي ڏي وٺ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

اسرائيلي فورسز جي غزه ۾ بربريت جاري، وڌيڪ 193 فلسطيني شهيد

غزه جي اسپتالن ۾ غذائي کوٽ جو شڪار وڌيڪ 4 ٻارڙن دم ڏئي ڇڏيو

يهودي فوج جي غزه ۾ بمباري سبب 7 اسرائيلي قيدي به مارجي ويا

غزه (م ر) اسرائيلي فورسز جي غزه ۾ بربريت جاري آهي. گذريل 24 ڪلاڪن دوران وحشياڻي حملن ۾ وڌيڪ 193 فلسطيني شهيد ۽ 290 زخمي ٿي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

سعودي عرب: رمضان المبارڪ دوران مسجدن ۾ افطاري تي پابندي

ان فيصلي جو مقصد مسجدن ۾ صفائي سترائي کي يقيني بڻائڻ آهي

رمضان المبارڪ ۾ مسجدن جي ٻاهران افطاري ڪرائي سگهجي ٿي

رياض (م ر) سعودي عرب جي اسلامي معاملن ۽ رابطن واري وزارت رمضان المبارڪ دوران مسجدن ۾ افطاري ڪرڻ تي پابندي لاڳو ڪري ڇڏي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

مريم نواز جو لاهور ۾ ڪينسر اسپتال قائم ڪرڻ جو اعلان

هر اسپتال ۾ ميرٽ تي ايم ايس لڳايا ويندا، ڪرپشن تي رعايت نه هوندي: مريم نواز

غريب ماڻهو کي ڪينسر جي علاج جون بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ خاص اسپتال قائم ڪئي ويندي

عوام کي صحت جون سهولتون در تي پهچائڻ لاءِ پائلٽ پراجيڪٽ لاهور کان شروع ڪيو ويندو

لاهور (م ر) پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز چيو آهي ته صوبي جي هر شهري لاءِ علاج جون بهتر سهولتون/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

آمريڪي صدر جو بائيڊن پاران غزه ۾ ايئر ڊراپ ذريعي امداد ورهائڻ جو اعلان

واشنگٽن (م ر) آمريڪي صدر جو بائيڊن غزه ۾ هوائي جهاز ذريعي امداد ورهائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

لاهور: پنجاب جي وڏي وزير مريم نواز اجلاس جي صدارت ڪندي

وڏو وزير جي مرحوم عبدالعزيز جوڻيجو جي وارثن سان تعزيت

مرحوم عبدالعزيز جوڻيجو اسان جو ساٿي اسيمبلي ميمبر هو: مراد علي شاهه

عبدالعزيز جهڙا ماڻهو صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن، خال ڀرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽر) سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه خانپور جوڻيجو پهچي لاڙائو ڪري ويل پي ايس 80 مان تازو چونڊجي آيل ايم پي اي مرحوم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

آٽي، گيهه، دالين ۽ ڳڙ جي قيمتن ۾ لاٿ، شماريات کاتي رپورٽ جاري ڪري ڇڏي

سالياني بنيادن تي مهانگائي جي شرح 32.73 سيڪڙو ٿي وئي، هفتي دوران 14 شين جي قيمتن ۾ اضافو ٿيو

هفتي دوران 12 شين جي قيمتن گهٽتائي ٿي ۽ 25 عام واهپي جي ضروري شين جون قيمتون مستحڪم رهيون

آنن جي قيمتن ۾ 1.32 سيڪڙو، گيس جي قيمتن ۾ 15.52 سيڪڙو، بصر جي قيمتن ۾ 2.87 سيڪڙو اضافو ٿيو

اسلام آباد (م ر) شماريات کاتي موجب سالياني بنيادن تي مهانگائي جي شرح 32.73 سيڪڙو ٿي وئي، مهانگائي جي شرح ۾ هفتيوار بنيادن تي اضافو جڏهن ته ماهوار بنياد تي ڪا به تبديلي نه ڪئي وئي آهي. رپورٽ موجب هڪ هفتي دوران/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ملڪ ۾ سوشل ميڊيا جا سپ پليٽ فارم بند ڪيا وڃن: پ پ سينيٽر جو ٺهراءُ

اسلام آباد (م ر) سينيٽ ۾ جمع ڪرايل هڪ ٺهراءُ ۾ سوشل ميڊيا جا سپ پليٽ فارمز بند ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو. پيپلزپارٽي جي سينيٽر/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

اوٻاوڙو پرسان پوليس ۽ ڌوهارين ۾ مبينا مقابلي دوران 3 بدنام ڌاڙيل مارجي ويا

رانوتي ٿاڻي جي حد سي پيڪ پرسان مبينا مقابلو ٿيو، ڌاڙيلن جا لاش تعلقي اسپتال اوٻاوڙو منتقل ڪيا ويا

علائقي رانوتي ٻيلو وٽ ڌوهاري ڌوهه ڪرڻ لاءِ سي پيڪ تي چڙهيا ته سي پيڪ 484 لوڪيشن وٽ پوليس مقابلو ٿي پيو: پوليس

مارجي ويل ڌوهارين جي سڃاڻپ بدنام ڌوهاري قبول شر، علي مراد ٽرٽ، شاهه مراد ٽرٽ طور ٿي، هڪ ڪلاشنڪوف، هڪ جي 3 رائفل برآمد

اوٻاوڙو (م ر) اوٻاوڙو پرسان رانوتي ٿاڻي جي حد سي پيڪ پرسان رانوتي پوليس ۽ ڌوهارين جي وچ ۾ مبينا مقابلو ٿي پيو جنهن ۾ 3 ڌاڙيل مارجي ويا جن جا لاش تعلقي اسپتال اوٻاوڙو منتقل ڪري ڇڏيا آهن. رانوتي پوليس جي دعويٰ ڪندي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

پاڪ آرمي جو گوادر ۾ ريسڪيو اينڊ ريليف آپريشن، متاثر خاندان محفوظ ڪيمپن ۾ منتقل

متاثر علائقن جي خاندان کي خوراڪ، پاڻي دوائون ۽ بسترا ڏيڻ کان پوءِ انهن کي مختلف محفوظ ڪيمپن ۾ منتقل ڪيو ويو

20 خاندان جي پي اي ريسٽ هائوس ۾ ترسيل آهن، 43 خاندان ملاح بيند وارد مان فقير ڪالوني ۽ ملاح بيند پرائمري اسڪول منتقل ڪيا ويا

مريضن جي علاج لاءِ گوادر شهر جي ويجهو بازنجو فٽبال ڪلب ۽ آر سي ڊي سي وٽ ڪيمپ لڳايو ويو

راولپنڊي (م ر) پاڪستان آرمي طرفان گوادر ريسڪيو اينڊ ريليف آپريشن جاري آهي، 48 ڪلاڪن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

سرگوڌا: برسات دوران شاگرديا ٽيون سيلفي ڪڍي رهيون آهن

ڪولمبيا غزه ۾ حملن ڪي نسل ڪشي قرار ڏيندي اسرائيل سان هٿيارن جي خريداري روڪي ڇڏي

ڪراچي (م ر) ڪولمبيا غزه ۾ حملن کي نسل ڪشي قرار ڏيندي اسرائيل سان هٿيارن جي خريداري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ملتان: بلوچ ثقافتي ڏهاڙي تي پروگرام دوران نوجوان ڊانس ڪندي

بلوچستان مان سينيٽ جي خالي سيٽن تي پولنگ 14 مارچ تي ٿيندي

صوبائي اليڪشن ڪمشنر بلوچستان محمد فريد آفريدي ريٽرننگ آفيسر مقرر

نامزدگي ڪاغذ 2 ۽ 3 مارچ صبح 08:30 کان شام 04:30 وڳي تائين جمع ڪرايا ويندا

اسلام آباد (م ر) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جي پڌرائي موجب بلوچستان مان خالي ٿيندڙ سينيٽ جي 3 سيٽن تي چونڊن لاءِ پولنگ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ملڪ جي مختلف علائقن ۾ ايندڙ 48 ڪلاڪن دوران تيز برسات جو امڪان آهي: موسميات کاتو

برساتن جو سبب بڻجندڙ هڪ ٻيو موسمياتي سسٽم ملڪ جي اولهه ۽ ڏکڻ علائقن ۾ پهچڻ وارو آهي

خيبر پختونخواهه، گلگت بلتستان، آزاد جمون ۽ ڪشمير، پنجاب جي وچولن ۽ مٿين علائقن ۾ برسات جو امڪان آهي

نئون اسپيل بلوچستان سان گڏ خيبر پختونخواهه، ڪشمير، گلگت بلتستان ۽ پنجاب جي مٿين علائقن کي متاثر ڪري سگهي ٿو

اسلام آباد (م ر) موسميات کاتي اڳڪٿي ڪئي آهي ته ملڪ جي مختلف علائقن ۾ ايندڙ 48 ڪلاڪن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

مڙس سان گڏ پارٽ گهمڻ ويل پرڏيهي عورت سان اجتماعي لڃالٽ، 3 شڪي گرفتار

نئين دهلي (م ر) ڀارت ۾ اسپين جي عورت سياح جو ريپ ڪندڙن شڪي جوابدارن کي گرفتار/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

سيوهڻ: زائرين قلندر شهباز جي مزار تي ڌمال هڻندي

موروپرسان ڳوٺ آنڌل چانڊيو جي رهواسين پاران ٻاڙن خلاف احتجاجي مظاهرو

مسمات رشيده ڏي شمن چانڊيو اعظم علي پٽ خادم حسين چانڊيو احتجاج ڪيو

زميندار يونس آرائين اسان جي ارباب علي چانڊيو کي سخت تشدد بعد باهه ڏني: الزام

نوشهروفيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) مورو پرسان ڳوٺ آنڌل چانڊيو جي رهواسين مسمات رشيده ڏي شمن چانڊيو اعظم علي پٽ خادم حسين چانڊيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٺٽي ۾ عام چونڊن ۾ وڏي پيماني تي ٿيندڙ ڌانڌلين خلاف ڪارڪنن پاران احتجاجي مظاهرو

عمران خان جي اپيل تي تحريڪ انصاف ٺٽو پاران ٺٽي ۾ پڻ ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

22 قومي ۽ 30 صوبائي اسيمبلي جون سيٽون ڌانڌلي ذريعي ايم ڪيو ايم کي ڏنيون ويون آهن: مظاهرين

پي ٽي آءِ جي باني جي هدايتن تي 8 فيبروري تي ٿيندڙ اليڪشن ۾ ڌانڌلين خلاف احتجاجي مظاهرا ڪيا پيا وڃن

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ملڪ ۾ 08 فيبروري تي ٿيندڙ عام چونڊن ۾ وڏي پيماني تي ٿيندڙ ڌانڌلين خلاف پاڪستان تحريڪ انصاف جي باني چيئرمين عمران خان جي اپيل تي تحريڪ انصاف ٺٽو پاران ٺٽي ۾ پڻ ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ريلي ۾ شرڪت ڪندڙ پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ پڻ شرڪت ڪئي انهي موقعي تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ام رباب چانڊيو جي ٽن گهرياتين

جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي

جوابدار چانڊيا پائر پيش پيا

دادو (رپورٽر:) ام رباب چانڊيو جي ٽن گهرياتين جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي، ام رباب چانڊيو وڪيل صلاح دين پنهور سان گڏ عدالت پهچي وئي، الزام هيٺ آيل ايم پي اي پائر سردار احمد چانڊيو، برهان خان چانڊيو، ايس ايچ او ڪريم چانڊيو ٻڌڻي تي عدالت ۾ پيش ڪيس ۾ گرفتار جوابدارن کي جيل کان پوليس عدالت ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ٺٽو: عام چونڊن ۾ ڌانڌلي خلاف پي ٽي آءِ پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

اسلام ڪوٽ ۾ اعتراض واري هنڌ تي ڪلنڊڙ شراب گٽي خلاف مظاهرو، اڄ شٽربند هڙتال

شهر جي آبادي اندر ۽ باءِ پاس روڊ تي شهرين جي سخت اعتراضن ۽ احتجاج جو نوٽيس نه ورتو ويو

مختلف سياسي ۽ مذهبي ڌرين جي مولانا تاج محمد سومرو، مولانا عبدالخالق جوڻيجو احتجاج ڪيو

اعتراض واري هنڌ تي زبردستي ڪلنڊڙ شراب جي گٽي خلاف اڄ شهر ۾ شٽربند هڙتال جو سڏ ڏنل آهي: اڳواڻ

اسلام ڪوٽ (رپورٽر صادق بجير) اسلام ڪوٽ ۾ اعتراض واري هنڌ تي ڪلنڊڙ شراب جي گٽي خلاف مظاهرو، اڄ شٽربند هڙتال جو سڏ خبرموجب: اسلام ڪوٽ ۾ شهر جي آبادي اندر ۽ باءِ پاس روڊ تي شهرين جي سخت اعتراضن ۽ احتجاجن جي باوجود تڪراري هنڌ تي ڪلنڊڙ امڪاني گٽي خلاف مختلف سياسي ۽ مذهبي ڌرين جي مولانا تاج محمد سومرو، مولانا عبدالخالق /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

شيخ پرڪيو ۾ پ پ شهيد ڀٽو جي ڪارڪنن پاران مهانگائي، بيروزگاري ۽ بدامني خلاف احتجاج

مهانگائي بي روزگاري بدامني ۽ مير مرتضيٰ ڀٽو جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ مشين اسٽاپ وٽ مظاهرو ڪيو

نااهل احڪمرانن جي غلط پاليسن تجربن سبب عوام جو ساهه ٻڪن سبب پاهه تي ويو آهي: رياض حسين لغاري

ن ليگ ۽ ايم ڪيو ايم ٽئي هڪٻئي سان اتحادي آهن صرف عوام کي بيوقوف بنائڻ خاطر ٽوپي ڊراما ڪري رهيا آهن

ٽنڊو محمد خان (رپورٽر: ايم علي بروهي) شيخ پرڪيو ۾ پ پ شهيد ڀٽو جي ڪارڪنن رياض حسين لغاري محمد امين سولنگي اسلم ٿهيم بابو سنڌي جي اڳواڻي ۾ مهانگائي بي روزگاري بدامني ۽ مير مرتضيٰ ڀٽو جي قاتلن جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٽنڊو محمد خان: پ پ (پ ش) پاران مهانگائي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

تحريڪ انصاف طرفان ٽنڊو محمد خان ۾ جنرل اليڪشن جي ڌانڌلين خلاف احتجاج

ڌانڌلين خلاف مرڪزي سڏ جي موٽ ۾ پريس ڪلب آڏو ڪارڪنن احتجاجي مظاهرو ڪيو

سازش تحت تحريڪ انصاف کي ديوار سان لڳائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي وئي آهي: مظاهرين

ٽنڊو محمد خان (رپورٽر: ايم علي بروهي) پاڪستان تحريڪ انصاف طرفان ٽنڊو محمد خان ۾ جنرل اليڪشن جي ڌانڌلين خلاف ڏنل مرڪزي سڏ جي موٽ ۾ پريس ڪلب آڏو ڪارڪنن احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي . احتجاج دوران تحريڪ انصاف جي اڳواڻن سعود احمد فاروقي ، مختيار پٺي ، حسن نظاماڻي ، پير سلمان جان سرهندي ، لالا حسن پٺاڻ ۽ ٻين خطاب ڪندي جنرل اليڪشن ۾ ڪيل ڌانڌلين کي عوام جي ووٽ سان ناانصافي قرار ڏنو ۽ چيو ته سازش تحت تحريڪ انصاف کي ديوار سان لڳائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي وئي ، سنڌ ۽ پاڪستان جي اندر اليڪشن ۾ ڪيل ڌانڌلين جو عدالتي نوٽيس ورتو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جاري رهندو.

گلشن حديد ۾ چوڪيدار طرفان چوڪري سان ڇيڙ ڇاڙ ڪرڻ واري معاملي ۾ ڊاڪٽر جو احتجاج

مون تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جنهن جو مقصد بدنام ڪرڻ ڪانسواءِ ڪجهه به ناهي: ڊاڪٽر

اعجاز شيخ جو فون آيو ۽ چڪاس بعد جئين پهتس امير خان کي پوليس گرفتار ڪري وٺي وڃي رهي هئي

چوڪيدار کي سزا ملڻ کپي ۽ انتقامي ڪاروائي طور ڪيس ۾ نالو ڏيڻ سوشل ميڊيا تي مهم هلائي پئي وڃي

ملير (رپورٽ فاروق پنگوار) گلشن حديد ۾ چوڪيدار طرفان چوڪري سان هٿ چراند ڪرڻ جي آڙ ۾ مونکي شامل ڪري ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جنهن جو مقصد مونکي بدنام ڪرڻ ڪانسواءِ ڪجهه به ناهي جيڪڏهن چوڪيدار ڪو گناهه ڪيو آهي ته سزا ملڻ گهرجي پر ڪيس ۾ مونکي شامل ڪرڻ انساني اخلاقي قدرن جي خلاف آهي واقعي وقت آئون پنهنجي ڪلينڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ملير: ڊاڪٽر عاشق حبيب پليجو پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

گلشن حديد پرسان 1 لک 32 هزار وولٽ جي هاءِ ٽينشن لائن جا ٽاور ڪري پيا، عملدارن ۾ ٽرٽلو

شيدي ڳوٺ ۽ پورٽ قاسم گرڊ اسٽيشن جي هاءِ ٽينشن لائن ڪرڻ تي انتظاميا ۾ ٽرٽلو مچي ويو

ٽاور ڪرڻ سبب ڳوٺاڻن جا رستا بند ٿيڻ خلاف ڳوٺاڻن احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي

ناقص مٽيريل استعمال ڪيو آهي تازو ٺهيل لائن جا ٽاور ڪري پيا آهن ڪيترن ئي ڳوٺن جا رستا آهن

ملير (ڊ ـ ر) گلشن حديد پرسان 1 لک 32 هزار وولٽ جي هاءِ ٽينشن لائن جا ٽاور ڪري پيا، ڳوٺاڻن جا رستا بند، ڌابيجي ڪان شيدي ڳوٺ ۽ پورٽ قاسم گرڊ اسٽيشن جي هاءِ ٽينشن لائن ڪرڻ تي ڪي اليڪٽرڪ انتظاميا ۾ ٽرٽلو ڪي اليڪٽرڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊي محمد خان پاران محمد خان غني جي ياد ۾ ادبي ويهڪ

ٽنڊي محمد خان پاران سنڌ جي ناليواري شاعر ۽ اديب محمد خان غني جي ياد ۾ ويهڪ ٿي

ويهڪ ۾ اعظم ڀٽي "نثري نظم،" وملي ڪيمچند شرما "ڪهاڻي"، گل خاصخيلي "ٽيڙو پڙهيو

محمد اشرف، فيصل ميمڻ، قدير لغاري ۽ ٻين پيش ڪيل نڪور تخليقن تي اصلاحي ۽ تنقيدي رايا ڏنا

ٽنڊو محمد خان (رپورٽر: ايم علي بروهي) سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊي محمد خان پاران محمد خان غني جي ياد ۾ ادبي ويهڪ ٿي گذري سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊي محمد خان پاران سنڌ جي ناليواري شاعر ۽ اديب محمد خان غني جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ٽنڊو محمد خان: سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊي محمد خان پاران ڪوٺايل ويهڪ ۾ اديب ۽ شاعر شريڪ آهن

ماتلي ۾ واپارين پاران هٽرادو مهانگائي ڏهاڙي دار طبقي جا هٿ مٽي تي اچي ويا

واپارين پاران هٽرادو مهانگائي ڪري غريب ڏهاڙي دار طبقي کان پيٽ ڀري کاڌي جو حق کسي ورتو

غريب مزدور طبقو فاقاڪشي واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهي هڪ بجلي ۽ گئس مهانگي ٿي

ماتلي (رپورٽر) ماتلي ۾ واپارين هٽرادو مهانگائي ڏهاڙي دار طبقي جا هٿ مٽي تي اچي ويا تفصيل موجب ماتلي ۾ واپارين پاران هٽرادو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهروفيروز ۾ ايريگيشن يونين جي جنرل سيڪريٽري جي قتل ۾ ملوث جوابدار گرفتار

هڪ مک جوابدار اظهار عرف مجاهد جلباڻي کي نوشهروفيروز پوليس گرفتار ڪري ورتو

يونين اڳواڻ اقبال لاڙڪ کي ٻه هفتا اڳ ڦر دوران مزاحمت تي قتل ڪيو ويو هو، جاچ هلندڙ

نوشهروفيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) آل سنڌ ايريگيشن يونين جي جنرل سيڪريٽري اقبال لاڙڪ جي قتل ۾ ملوث هڪ مک جوابدار اظهار عرف مجاهد جلباڻي کي نوشهروفيروز پوليس گرفتار ڪري ورتو آهي. جوابدار متياري جي سيڪات /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

عام چونڊن ۾ عوام طرفان پي ٽي آئي کي مليل مئنڊيٽ چوري ڪرڻ خلاف بدين ۾ احتجاج

مئنڊيٽ چوري ڪرڻ خلاف پي ٽي آئي طرفان ۾ نيشنل پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

پي ٽي آئي ضلعي بدين جي صدر عزيزالله ڏيرو غلام رسول ميمڻ امانت علي انصاري ۽ ارباب قاري ريلي ڪڍي

بدين (رپورٽر مرتضيٰ ميمڻ) 8 فيبروري تي ٿيندڙ عام چونڊن ۾ عوام طرفان پي ٽي آئي کي مليل مئنڊيٽ چوري ڪرڻ خلاف پي ٽي آئي طرفان بدين ۾ نيشنل پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو پي ٽي آئي ضلعي بدين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

بدين: پي ٽي آءِ پاران عام چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

آڪسبرج هائير سيڪنڊري اسڪول ڪئمپس راڻيپور ۾ تعليمي ميلو منعقد ڪيو ويو

سائنسي چاڻ تي مشتمل ايجادات تيار ڪري شاگردن پنهنجي طرفان شيون جوڙيون آهن: سربراهه

راڻيپور جي شهرين سماجي ورڪرز صحافين جا تمام گهڻا مشڪور آهيون سائنسي ميلي ۾ شرڪت ڪئي

راڻيپور (رپورٽر) راڻيپور ۾ آڪسبرج هائير سيڪنڊري اسڪول ڪئمپس راڻيپور ۾ تعليمي ميلي جو انعقاد ڪيو ويو ان موقعي تي شاگرد ۽ شاگردياڻين طرفان سائنسي تجربا ڪري ڏيکاريا ۽ انهن جي سائنسي اصول مطابق تيار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

سول اسپتال سکر ۾ شوگر جي مريضن لاءِ دوائون ملڻ مشڪل ٿي ويون، اختياريون خاموش

سفارشين کي دوائون ملڻ لڳيون، غريب ۽ غير سفارشي شوگر جا رسنڌڙ مريض پريشاني ۾ مبتلا

ليبارٽري ٽيسٽ، ايڪسري، الٽراسائونڊ، ايم آر آءِ، سي ٽي اسڪين جهڙيون سهولتون اٿلپ ٿي ويون

سکر (رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) سول اسپتال سکر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سکر: سهولتن کان وانجهيل سول اسپتال سکر جو ڏيک

ٽنڊوباگو ۾ اليڪشن ۾ مبينا ڌانڌلين ۽ پي ٽي آئي جو مينڊيٽ چوري ڪرڻ خلاف احتجاج

پي ٽي آئي اڳواڻن جيوت رام، غلام قاسم خاصخيلي، شبير احمد ميمڻ ۽ ٻين مظاهرو ڪيو

عمران خان سميت سمورن پي ٽي آءِ جي گرفتار ڪارڪنن کي آزاد ڪيو وڃي: جيوت رام ۽ ٻيا

ٽنڊوباگو (رپورٽر: رفاقت جروار) ملڪ ڀر ۾ ٿيل جنرل اليڪشن ۾ مبينا ڌانڌلين ۽ پي ٽي آئي جو مينڊيٽ چوري ڪرڻ خلاف ٽنڊوباگو پريس ڪلب اڳيان پي ٽي آئي اڳواڻن جيوت رام، غلام قاسم خاصخيلي، شبير احمد ميمڻ ۽ گل حسن پٺاڻ جي اڳواڻي ڪارڪنن پاران احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن گهر ڪئي ته عمران خان سميت سمورن پي ٽي آئي جي گرفتار ڪارڪنن کي آزاد ڪري، جنرل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ٽنڊوباگو: عام چونڊن ۾ مبينان ڌانڌلي خلاف پي ٽي آءِ پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

سرحد ۾ هٿيارٻندن جو گهر تي حملو، عورتن کي مبينه اغوا ڪرڻ جي ڪوشش

جي اسٽيشن روڊ واري علائقي ۾ جوابدارن شهري اجمل دشتي جي گهر تي حملو ڪيو ويو

حملي بعد علائقي واسين ۽ گهرڌڻين حملي آورن کي ڪنڪوڙئي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو

سرحد (رپورٽر) سرحد ۾ هٿيارٻندن جو گهر تي حملو، عورتن کي مبينه اغوا ڪرڻ جي ڪوشش، گهرڌڻي رتوورت، حملي آور ٻه ڪنڪي بعد پوليس حوالي، خبرموجب سرحد جي اسٽيشن روڊ واري علائقي ۾ جوابدارن شهري اجمل دشتي جي گهر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

تلهار جي ديوان برادري پاران ڏاڏي پڳت چيتن نات جو ميلو لڳايو ويو

هندو برادري سان تعلق رکندڙن سان گڏ مسلم ڀائرن پڻ وڏي تعداد شرڪت ڪئي

شيوادارين سيٺ جيسو مل مارو مل نهال داس، ايسر داس گيلا رام . منجي لال ڪانئيسا شريڪ

بدين (رپورٽر: مرتضيٰ ميمڻ) تلهار ۾ هر سال جيان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

بدين: ڏاڏي پڳت چيتن نات جي ميلي جو ڏيک

ٽنڊوباگو لڳ ڳوٺ ڳوٺ ٻچو هاليپوٽو جي رهندڙ عبدالحميد هاليپوٽو پاران احتجاج

پنگريو پوليس اسان جي چاچي ٽمائڻ جي واپاري محمد قاسم هاليپوٽو کي گرفتار ڪيو: الزام

قاسم هاليپوٽو جا 50 لک ڪان وڌيڪ ٽمائڻ جا پئيسا ملڪ طاهر اقبال ڏانهن رهيل آهن : ڳالهيون

ٽنڊوباگو (رپورٽر رفاقت جروار) ٽنڊوباگو لڳ ڳوٺ ڳوٺ ٻچو هاليپوٽو جي رهندڙ عبدالحميد هاليپوٽو ۽ امتاز ٽنڊوباگو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ميڊيا اڳيان ڏاهيندي چيو ته پنجاب جي واپاري ملڪ طاهر اقبال جي چرج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سکر جي صحافي جان محمد مهر جا قاتل 202 ڏينهن گذرڻ باوجود گرفتار نه ڪيا ويا

سنڌ حڪومت عملي طور نوٽيس نه ورتو قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي ڪئي وئي

نصرالله وسيم، جلال الدين پيو، سحرش ڪورڪ فريد سومرو، اورنگزيب ماڪو ۽ ٻيا محمد سومرو شريڪ

سکر (بيوروپورٽ) سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا قاتل 202 ڏينهن گذرڻ باوجود گرفتار نه ڪيا ويا ... تحريڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ڏڙو ۽ پرياسي جي مختلف پرائمري اسڪولن ۾ ڊي اي او پاران هنگامي دورا، سهولتن جو جائزو

جلد اسڪولن ۾ فرنيچر جي کوٽ، بلڊنگن جي مرمت ڪرائڻ ۽ درسي ڪتاب ڏيڻ جو اعلان

گورنمينٽ پرائمري اسڪول ارباب خميسو ميمڻ، پرائمري اسڪول ارباب گل محمد ميمڻ جو دورو ڪيو

اسڪولن ۾ فرنيچر جي کوٽ، بلڊنگن جي مرمت ۽ ڪتابن جي کوٽ کي ختم ڪيو ويندو: عنايت حسين

ڏڙو (رپورٽر: شوڪت ميمڻ) ڏڙو ۽ پرياسي جي مختلف پرائمري اسڪولن ۾ تعليم کاتي جي DEO عنايت حسين ڪٽي ۽ ٻين سجاول پاران هنگامي دورا، جلد اسڪولن ۾ فرنيچر جي کوٽ، بلڊنگن جي مرمت ڪرائڻ ۽ درسي ڪتاب ڏيڻ جو اعلان، تعليمي معيار جي واڌاري اسڪولن ۾ استادن ۽ شاگردن جي حاضري هر صورت ۾ يقيني بنائڻ تي زور. تفصيل موجب تعليم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ڏڙو: ڊي اي او پرائمري عنايت حسين ڪٽي اسڪول جو دورو ڪري رهيو آهي

ملياڻي جي ٻيلي کاتي جي عملدارن عدالتي حڪمن کي ٽڏي ڇڏيو، وڻن جي واڍي جاري

ٻيلي کاتي جي عملدارن ڊي ايف او نوشهروفيروز عابد رند، آر ايف او محمد جمن پاران واڍي جاري

ملي ڀڳت سان باائرن جي قبضي هيٺ، هزارين ايڪڙن تي ٻيلي قيمتي وڻ واڍي جاري آهي: شهري

ٻيلو بچايو ڪاميٽي سڄاڻ ڌرين پاران هڪ مهيني اندر ٻيلو ختم ٿيڻ جو انديشو ظاهر ڪري ڇڏيو

نوشهرو فيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) ملياڻي جي ٻيلي کاتي جي عملدارن ڊي ايف او نوشهروفيروز عابد رند ، آر ايف او محمد جمن تگر پاران عدالتي حڪمن کي ٽڏي ڇڏيو ٻيلي جي وڻن جي واڍي تي پرمار ٻيلي کاتي جي هزارين ايڪڙ سرڪاري زمين ٻيلي کاتي جي عملدارن جي ملي ڀڳت سان باائرن جي قبضي هيٺ، هزارين ايڪڙن تي بيٺل قيمتي وڻ واڍي ڪري غيرقانون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

فاران شوگر مل انتظاميه جي پورهيتن سان ناانصافين خلاف لغاري هائوس ۾ گڏجاڻي

پنج پرسنٽ بونس نه ڏيڻ واري عمل خلاف لغاري هائوس شيخ پرڪيو ۾ هڪ گڏجاڻي ٿي گذري

شهيد ڀٽو جي اڳواڻ ۽ ناميارا قانوندان ايڊوڪيٽ جي ايم لغاري، پيپلز يونين جو صدر منور مغل شريڪ

فاران شوگر مل انتظاميه مسلسل پورهيتن سان ظلم ڪري رهي آهي، احتجاج جو حق رکون ٿا: پ پ اڳواڻ منور مغل

ٽنڊو محمد خان (رپورٽر: ايم علي بروهي) فاران شوگر مل انتظاميه جي پورهيتن سان ناانصافين ۽ سالن کان پنج پرسنٽ بونس نه ڏيڻ واري عمل خلاف لغاري هائوس شيخ پرڪيو ۾ هڪ گڏجاڻي ٿي گذري، جنهن ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي شهيد ڀٽو جي اڳواڻ ۽ ناميارا قانوندان ايڊوڪيٽ جي ايم لغاري، پيپلز يونين جي صدر منور مغل، جنرل سيڪريٽري غلام رسول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ميهڙ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو

عورت اسسٽنٽ ڪمشنر مقرر،

اسڪيمن جو معائنو

ميهڙ (رپورٽر) ميهڙ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو عورت اسسٽنٽ ڪمشنر مقرر ميهڙ ۾ مقرر ٿيل عورت اسسٽنٽ ڪمشنر فاطمه گهلو چارج وٺندي ئي مختلف ادارن جي آفيسرن سان ميٽنگ ڪرڻ کان پوءِ ميهڙ شهر جي مختلف علائقن باءِ پاس سميت واٽرسپلاءِ اسڪيم جو دررو ڪيو اسسٽنٽ ڪمشنر ميهڙ فاطمه گهلو شهر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٽنڊو محمد خان: فاران شگر مل انتظاميا خلاف پورهيت احتجاج ڪري رهيا آهن

سنڌ ۾ ضلعي، تعلقي هيڊڪوارٽرن ۾ احتجاجي مظاهرا ڪري ڌرڻا هنيا ويندا: رياض چانڊيو

نگران سيٽ اپ ۾ چوند مرحلي جون سرگرميون ڪرڻ بجاءِ سنڌ جي خلاف سازش تي عمل ڪيو ويو

مختصر اقتداري مدي ۾ سنڌ جا ٻيٽ وسيلا نيلام ڪري سنڌ جي عوام جو حق غصب ڪيو آهي

افغانين کي مختلف ڊيٽ لائينون ڏئي صرف سنڌ جي عوام کي دوکو ڏنو ويو، احتجاج ۾ عوام شريڪ ٿئي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽر: ايم علي بروهي) جيئي سنڌ محاذ جي مرڪزي چيئرمين رياض چانڊيو چيو آهي ته سنڌ جي ٻيٽن ، وسيلن جي ڪيل غيرقانوني نيلامي کي فوري طور رد ڪرڻ لاءِ 10 مارچ تي سڄي سنڌ ۾ ضلعي ، تعلقي هيڊڪوارٽرن ۾ احتجاجي مظاهرا ڪري ڌرڻا هنيا ويندا، اهڙو اظهار هن ، ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪيو ، هن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

پ ٽ الف ضلعي گهوٽڪي جي صدر ظفر لاکو جي قتل خلاف ٽنڊومحمدخان ۾ احتجاجي مظاهرو

ضلعي گهوٽڪي جي صدر ظفر لاکو جي قتل خلاف ٽنڊومحمدخان جي استادن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو

پرائمري استاد ظفر علي خان لاکو جي ٽارگيٽ ڪلنگ تي استاد برادري سخت صدمي ۾ ورتل آهي: مظاهرين

سموري تنظيمون خاموش تماشائي بڻيل آهن جنهن تي استادن ۾ سخت مايوسي پکڙيل آهي، نوٽيس ورتو وڃي

ٽنڊومحمدخان (رپورٽر: ايم علي بروهي) پ ٽ الف ضلعي گهوٽڪي جي صدر ظفر لاکو جي قتل خلاف ٽنڊومحمدخان جي استادن پاران احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي پ ٽ الف اڳواڻ عارف قريشي ، دانش خلجي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته پرائمري استاد ظفرعلي خان لاکو جي ٽارگيٽ ڪلنگ تي استاد برادري سخت صدمي ۾ ورتل آهي گذريل ڪجهه ڏينهن ۾ 4 استادن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

گهوٽڪي شهيد دين محمد لغاري ٿاڻي

جي حد ۾ مبينا پوليس مقابلو، 3 ڌاڙيل

مارجي ويا، هٿيار هٿ

گهوٽڪي (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو: گهوٽڪي پوليس جي وڏي ڪاميابي، ان سلسلي ۾ ايس ايس پي گهوٽڪي محمد انور کيتران پنهنجي آفيس ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته شهيد دين محمد لغاري ٿاڻي جي حد ۾ سي پيڪ رائونتي پل وٽ پوليس مقابلو ٿيو، جنهن ۾ هيٺيان ٽي (03) ڌاڙيل مارجي ويا جنهن ۾ قبول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٽنڊومحمدخان: پ ٽ الف پاران ظفر لاکو جي قتل واقعي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ميرپورماٿيلو ويجهو ڳوٺ

اميربخش ڪورائي ۾ ڪرڪيٽ

راند تي جهيڙو، 12 ڄڻا زخمي

گهوٽڪي (رپورٽر:) ميرپورماٿيلو ويجهو ڳوٺ اميربخش ڪورائي ۾ ڪرڪيٽ راند تي ڪورائي برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو، لٺيون ۽ سرويا لڳڻ سبب ٻنهي ڌرين جا 12 ڄڻا زخمي ٿي پيا، زخمي ڊي ايچ ڪيو اسپتال داخل، تفصيل موجب ميرپورماٿيلو ويجهو ڳوٺ اميربخش ڪورائي ۾ ڪرڪيٽ راند تي ڪورائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

بجلي ۽ جي لوڊشيڊنگ سبب مريضن جي مشڪلاتن ۾ اضافو ٿئي ٿو: غلام نبي شاهه جيلاني

اسپتال ۾ گهٽ بجيٽ باوجود ڪوشش ڪري مريضن کي رليف ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون

هن وقت اسان کي سڀ کان وڏو مسئلو ڊاڪٽرز پيراميڊيڪل اسٽاپ جي کوٽ جو آهي، ملازم موجود ناهن

کي اليڪٽرڪ جي اعليٰ آفيسرن کي ڪيترائي خط لکيا آهن ته هن اسپتال کي لوڊشيڊنگ فري قرار ڏنو وڃي

ملير (رپورٽ فاروق پنگوار) بجليءَ جي ڏگهي لوڊشيڊنگ سبب مريضن جي مشڪلاتن ۾ اضافو ٿئي ٿو گهٽ بجيٽ باوجود ڪوشش ڪري مريضن کي رليف ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون، اهڙن خيالن جو اظهار سنڌ گورنمنٽ اسپتال سعود آباد جي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر پير غلام نبي شاهه جيلاني سان سندس آفيس ۾ ملير جي سماجي اڳواڻ زاهد رحيم ۽ ريسڪيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڪراچي جي عوام تحريڪ انصاف جي اميدوارن کي مينڊيٽ ڏنو آهي: حليم عادل شيخ

ڪراچي کي هڪ ڀيرو ٻيهر بدامني جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي، قربانيون ضرور رنگ لائينديون

تحريڪ انصاف جو چيئرمين عمران خان جلد آزاد ٿي اسان جي وچ ۾ هوندو، حڪومت هلي نه سگهندي

ملير (رپورٽر) تحريڪ انصاف سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ ملير ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪراچي جي عوام تحريڪ انصاف جي اميدوارن کي پنهنجو مينڊيٽ ڏنو آهي، جنهن کي چورن، ڌاڙيلن ۽ ٽارگيٽ ڪلرن چوري ڪري ڪراچي کي هڪ ڀيرو ٻيهر بدامني جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي جنهن جو اعتراف هو جعلي مينڊيٽ جي وڊيوز جاري ڪري رهيا آهن. اسان ڪراچي مان 20 حيدرآباد مان 2 ۽ ٻين ضلعن مان 38 قومي اسيمبلي جون سيٽون کٽيون آهن. هن چيو ته اسان جي ڪارڪنن ۽ عهديدارن جون قربانيون ضرور رنگ لائينديون سچ جي فتح ۽ ڪوڙ جي شڪست ٿيندي ساڻن 5 مهينن کانپوءِ جيل مان آزاد ٿي اوهان جي اڳيان حاضر ٿيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

تحريڪ انصاف تعلقي دادو جي

صدر ظهير چانڊيو جي اڳواڻي ۾

ڪارڪنن جو احتجاج

دادو (رپورٽر:) پاڪستان تحريڪ انصاف تعلقي دادو جي صدر ظهير چانڊيو جي اڳواڻي ۾ ميونسپل ڪاميٽي دادو جي گيٽ اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته دادو ۾ گذريل 15 ڏينهن کان پيئڻ جو پاڻي بند آهي ۽ عوام پيسن تي پاڻي خريد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ملير: پي ٽي آءِ اڳواڻ حليم عادل شيخ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

آچر 03 مارچ 2024ع

بدليل موسمي حالتن آهر زندگي گذارڻ جو ڍنگ ڪڏهن سکنداسين!

بهار جو 'هني مون' برساتن سان شروع ٿي ويو آهي. بلوچستان جا گوادر سميت ڪيترائي علائقا ٻوڙي پلرجي پالوٽ سنڌ تي ٿي آهي. سڄي سنڌ بادلن جي پاڪر ۾ آهي. ڪراچي ڪالهه کان وڏانڌري وسڪار جي ور چڙهيل آهي. ڪيترائي علائقا ٻڏندن جو ڏيک ڏيڻ لڳا آهن. موسميات کاتي شهري ٻوڏ جو امڪان ظاهر ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ جي ٻين ضلعن ۾ به برسات سبب زندگيءَ جو معمول مفلوج ٿيڻ جا امڪان وڌي رهيا آهن. بلوچستان ۾ نئين ذريعي ايندڙ پاڻي گاج ۾ چوڙ ٿي رهيو آهي. سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه بلوچستان مان برساتي پاڻيءَ جي اچڻ ڪري قمبر ۽ دادو ضلعن جي متاثر ٿيڻ جو امڪان ظاهر ڪري ڇڏيو آهي.

سڄي دنيا ۾ موسمي تبديلين جي ڪري موسمن جو ڪئلينڊر ئي تبديل ٿي ويو آهي. قدرتي آفتون شديد تباهي آڻي رهيون آهن. طوفان، زلزلا، سونامي، شديد برساتون تسلسل ۽ تواتر سان اچڻ لڳيون آهن. گذريل ڏيڍ ڏهاڪي کان سنڌ ۾ به دريائي ۽ برساتي ٻوڏون تباهي آڻي رهيون آهن. بلوچستان ۾ جڏهن گهڻيون برساتون پون ٿيون ته اهو پاڻي به نئين جي ذريعي سنڌ ۾ اچي ٿو ۽ ان سبب پڻ تباهي اچي ٿي. دنيا جي ملڪن ۾ به قدرتي آفتون اينديون آهن پر اتي جي انتظاميا ۽ حڪمران بهتر انتظامي اپائن سان عوام جا اهنج گهٽائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. پر اسان وٽ گورننس جو اندازئي "اور" آهي. هتي ته برساتن ۽ ٻوڏ واري موسم منتظمين لاءِ منافعي جي موسم هوندي آهي. پڙهندڙن کي ياد هوندو ته ٻوڏ وارن ڏينهن ۾ سنڌ جي هڪ ضلعي جي ڊپٽي ڪمشنر ٻوڏ متاثرن کي ڪروڙين رپين جو منرل واٽر پيارڻ جو خرچ ڏيکاريو هو. هتي اهو پڻ ياد ڏيارينداسين ته جڏهن برساتن دوران ڪي اين شاهه شهر ٻڏي ويو هو ته ڪئين مهينن تائين اتان پاڻي رڳوان ڪري نه ڪڍيو ويو. ته امداد ڏيندڙ عالمي ادارا اچي ڏسن ته جيئن امداد ملي. دنيا جي ملڪن ۾ قدرتي آفتن ڪانپوءِ آيل تباهيءَ جو تدارڪ ڪيو ويندو آهي. بحالي جو عمل شروع ڪيو ويندو آهي پر اسان وٽ بحالي، جي ٿيندي آهي ته اها صرف ڪاغذن ۾. 2010ع واري مها ٻوڏ دوران جيڪا تباهي آئي هئي، انفرااسٽرڪچر تباهه ٿيو هو، گهڻي پاڳي ان جي بحالي اڃان تائين نه ٿي سگهي آهي ۽ ان ڪانپوءِ ايندڙ ٻوڏن جي تباهي ان کان علاوه آهي.

مينهوڳيءَ جي مند ۾ عوام جي اذيت کي سرس ۽ سوايو بجليءَ جي بندش ڪريو ڇڏي. پاڻي جي فراهمي هجي، ڊرينيج سسٽم / برساتي پاڻيءَ جي نڪاسي، اهو بجلي جي بنا رنڊڪ وهڪ تي آڌاريل آهي پر بجلي ڪمپنيون آسمان تي ڇمر ڏسي بجلي بند ڪري ڇڏينديون آهن. جنهن سان پڻ ميونسپل سروسز ۾ رنڊڪ پوي ٿي. ڪڏهن ڪنهن خرابيءَ جو جواز ڇاڻايو وڃي ٿو ته ڪڏهن وري فيڊر ٽرپ ٿي وڃن ٿا. سنڌ مان برساتي يا دريائي ٻوڏ جو پاڻي نيڪال نه ٿيڻ جو اهم سبب پاڻي جي قدرتي لنگهن ۽ رستن تي قبضا آهن. اهي قدرتي لنگهه بند ٿيڻ جي ڪري پاڻيءَ کي رستو نٿو ملي ۽ اهو شهر ۽ وسنديون ٻوڙيو ڇڏي. توڙي جو پاڻيءَ جي قدرتي لنگهن تان قبضا ختم ڪرائڻ بابت عدالتي حڪم پڻ موجود آهي پر سياسي مصلحتن ۽ مجبورين جي ڪري ان تي عمل نٿو ڪيو وڃي.

2007ع وارين عام چونڊن ۾ شهيد محترما بينظير ڀٽو طرفان اعلانيل اليڪشني منشور 5 Es تي مشتمل هو، جن مان هڪ "E" ماحوليات Environment واري پڻ هئي، پر پوءِ حڪومت ۾ اچڻ بعد ان اهم نڪتي کي وساريو ويو، جنهنڪري ئي سنڌ هر ڀيري دريائي ۽ برساتي ٻوڏ ۾ ٻڏي پئي. قدرتي آفتن، خاص طور تي برساتن سبب سنڌ جا حڪمران ماڻهن جا اهنج گهٽائڻ لاءِ واقعي به سنجيده آهن ته انهن کي ماحوليات جي حوالي سان ڪم ڪرڻو پوندو. اهو ڪم صرف ٻوڏ متاثرن کي گهر نهرائي ڏيڻ تائين محدود نه هجڻ گهرجي پر اهڙا اپاءَ وٺڻ گهرجن، جو گهر ڊهڻ ۽ تباهي جا امڪان گهٽجي سگهن. پاڻيءَ جي قدرتي لنگهن تان قبضا ختم ڪرائي اهي رستا بحال ڪيا وڃن. جيولاجي، ماحوليات سميت لاڳاپيل شعبن جي ماهرن کان اپياس ڪرائي انهن جي تجويزن تي عمل ڪيو وڃي. دنيا ماحول جي تبديليءَ سبب آيل بدلاءَ آهر زندگي گذارڻ جو ڍنگ سکي ورتو آهي، پر اسان نئين موسمي حالتن سان هم آهنگ نه ٿي سگهيا آهيون.

توانائيءَ جا ذريعا، ماحولياتي گدلاڻ ۽ اپاءُ

تحرير: رياض ابڙو

دنيا جي تيزتر ۽ جديد ترقيءَ کي فل اسٽاف نه ٿو هڻي سگهجي. ائين چئجي ته جيڪي به صنعتون، فيڪٽريون ۽ مشينون، ٽرانسپورٽيشن، هوائي جهاز، ريل گاڏيون، بحري جهاز يا جيڪا به تيز ۽ تُز ترقي آهي ان کي ٻنجو ڏئي ڇڏجي. روڪي ڇڏجي يا ڪوڊ وانگي هڪ نندڙي ساهي پترائجين. ڪين شٽ اپ ڪال ڏئي ڪجهه گهڙيون چپ ويهارجين ته بس ٿورو هاٿي بس ڪيو بس گهڻو ٿيو هاڻي دنيا مان جيستائين دونهون گهٽجي تيستائين الله کي مجو بس ڪيو. پر اها ڳالهه ڏينهن جي چٽائي جهڙي آهي ته هيءَ جيڪا به رنگيني ۽ روشني آهي، هيءَ جيڪا به ترقي ۽ آسائش آهي.

هي جيڪي به عيش عشرتون آهن. ان جي بدلي هڪ زبردست دونهون به ڳهڻو ٿو پوي يا چئون ته اها ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جي گهٽائي، اهي سڀ گرين هائوس گيسز به ڪاٿئيون ٿيون پون. ۽ اهو زهر جو ڍڪ پرڻو ٿو پوي. نه ته ٻي صورت ۾ دنيا مان آسائشون ۽ مزا موڪلائي هليا ويندا. هي جيڪي به خوبصورت جايون جڳهون، عمارتون ۽ عبادتگاهون. پارڪ ۽ شاپنگ مال آهن اهي جيڪي به اڪ ٻوٽ واريون ترقيون. ٽيڪنالاجيون ۽ سائنسون آهن. جو حضرت انسان وڃي آسمان سان ڳالهيون ڪيون آهن يا جنهن جي لاءِ چوندا آهن ته "اسڪاءِ از دي لمٽ" معني ترقي ڪيو ۽ آسمان تائين پهتو پر اهي سڀ دونهان ۽ ٻوساتيل ماحول ڏسي دل ڪٽي ٿي پئي ۽ دنيا کي چئجي ته هاڻي ترقي نه ڪيو جو اهڙو "سون ٿي گهريو جيڪيو ڳن چني" جو انهن جو ترقيون پنهنجي جاءِ پر اسان جهڙن غريب ملڪن ۾ بارشن جي ڪري جيڪي نقصان ٿين ٿيا اهي ڏسي دل رت جا ڳوڙها ٿي روئي ته "ڏڪ جهلي پولي ۽ ڪٽيو ڪائي فقير" پر هتي فيصلو ڪرڻ مشڪل آهي ته هن هيهڙي بدترين ۽ بيڪار موسمياتي بدلجندڙ صورتحال ۾ "فقير ڪيرآ ۽ پولي ڪير آ" يا غريب ملڪن جو آخرچا ٿيندو يا انهن ملڪن جو جن وٽ 75 فيصد آبادي رڳو زرعي آهي يا اهي ملڪ ڪچي جي علائقن تي پاڙن ٿا.

اها ڳالهه به مڃون ٿا ته جيڪي به سهڻا بهترين ڪپڙا پائجن ٿا، جيڪي به عيش عشرتون ۽ مزا ماڻجن ٿا، اهي رڳو ان دونهين جي بدولت آهن. جيڪو وري بدلي ۾ هڪ زبردست ماحولياتي دهشتگردي به ڪري ٿو. ٻي معني ۾ چئون ته اهي دنياوي مزا ۽ راحتون ماڻهن کان حياتيون به کسن ٿيون ۽ ساهه ٿيون سُڪائن جو اهي ڳنڍيون ڪجن ته مشينون، صنعتون، فيڪٽريون، جهاز ۽ ٽرانسپورٽيشن بند ڪري ويهي رهجي. پر ائين هرگز ناهي. ائين چئون ته هر مرض پاڻ کان اڳ دوا ضرور ڪٺي ٿو اچي. ان ڪري دنيا جي انجنيئرنگ ۽ ٿنڪ ٽئينڪ ان ڳالهه تي ڳنڍتي ۾ آهي ۽ جيڪي به جي8 يا جي20 جا اجلاس ٿين ٿا اهي سڀ ان ڳالهه تي مٿو ڀڏي ٿا ويهن ته آخرچا ڪجي؟ ۽ ڪيترو ڪجي جو ان دونهين مان جان ڇٽي ۽ ماڻهو صاف هوا ۾ ساهه ڪٺن. ۽ ڪجهه ڏاها ۽ ترقي يافتا ملڪ ان ڏس ۾ هر سال ڳڏ به ٿين ٿا. جيڪي انهن مصيبتن جا حل ڳولهڻ ۾ لڳا پيا آهن. جيڪي ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جا "سڪر" هٽي اوزون مان ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ گيس واپس به ڪٺن پيا.

جيڪي اژدها مشينون ڏينهن رات ان ڪم ۾ به لڳيون پيورن آهن جيڪي وري ان گيس کي ڪنورٽ ڪري زمين تي اڇلائن ٿيون. سڀ ملڪ ان ڳالهه تي به هڪ آهن ته ٻيلا آباد ڪيا وڃن. ٻيلن ۾ هيليڪاپٽرن جي ذريعي ٻج ڇٽيا وڃن ۽ پوءِ بارش ڪرائي وڃي يا بارشن جي مند کان ٻهرين اهي ٻج ٻيلن ۾ ڇٽيا وڃن ته جيئن اهي مينهن جي مند ۾ پاڻي ملڻ ڪانپوءِ ڦٽي نڪرن ۽ اهي ٻيلا وري وڻن سان پرجي وڃن. ٻي مصيبت اها به آهي ته ڪريشن جي هڻ هٽان جي ڪري اسان جي ملڪ ۾ وڻ به ڪاغذن ۾ پوکيا ويا ۽ ڪروڙين روپين جا وڻ رڳو ڪاغذن ۾ ڏنا ويا. اهي سڀ ڳالهيون وري انهن اهل علم ماڻهن کي ستائن ٿيون جيڪي واقعي هن ڌرتي جي گولي لاءِ پريشان آهن ۽ غمگسار به آهن جن جي دماغ ۾ هڪ غصو به آهي ته اهي ملڪ جن کي وڏيڪ قيمت ڏيڻي ٿي پئي، اهي 20 غريب ملڪ جيڪي آفريڪا ۽ ايشيائي ملڪ آهن انهن ۾ صوماليا کان وٺي بنگلاديش، پاڪستان، افغانستان ۽ ڀارت به آهن (هڪ ٿلهي ليکي) ته اهي ملڪ اهي جاڳرتائون هلائن ۽ جيڪي به زرعي زمينون ٻيلن جي نذر ٿي ويون آهن. اهي واپس وٺي اتي ٻيلا ۽ ساڳيا گهاٽا جهنگ وڌائن ۽ ساوڪ پيدا ڪن. اتي وڻن جي پوکائي ڪئي وڃي ۽ اتان جو حڪومتون ان ڏس ۾ انٽرنيشنل مهم سازي ۾ مددگار ثابت ٿين.

صنعتي ترقي پنهنجي جاءِ تي. پر اهي سڀ ترقيون ۽ عيش ۽ عياشيون هاڻي هڪ بدلاءَ جون منتظر آهن. جيڪي هڪ زبردست "شفٽ" ۾ آهستي آهستي يا ڪجهه اسپيڊ سان تبديل ٿينديون پيون وڃن جيئن انهن سيني ماحولياتي غلطين جي تصيح ٿي سگهي ۽ ماحول سان گڏ هن ڌرتي جي گولي کي بچائي سگهجي. ان ڪري جو حضرت انسان وٽ رڳو هڪ ئي ڌرتي جو گولو آ. جنهن کي بچائي سگهي ٿو ۽ ڪيس بچائڻ به گهرجي، نه ته ٻي صورت ۾ جيڪا تباهي ۽ بربادي موسمن جي صورت ٿئي پئي ان کان بچاءَ مشڪل يا ناممڪن آهي.

جيئن ٻي مهليون بارشون، جڄهي انداز ۾ بارشون ۽ سوڪهڙا جن جي ڪري ٻيلن جي تباهي به مقدر بڻجي ٿي، جنهن سوڪهڙي جي آبي جيوت سان گڏ جانور ۽ پالتو جانور به تباهه ۽ برباد پيا ٿين. جنهن آبي جيوت تي ماڻهن جو روزگار جڙيل رهي ٿو ۽ ماڻهو اهو روزگار ڪري پيٽ پالن ٿا. اهي زرعي خطا ان نموني جي روزگار تي آباد به آهن نه ته ٻي صورت ۾ جي آبي جيوت نه هوندي ته ماڻهو انهن علائقن مان لڏپلاڻ ڪندا ويندا. اتان لڏي اهڙن علائقن ۾ آباد ٿيندا جتان ڪين روزگار ۽ رهائش به ملي نه ته ٻي صورت ۾ ماڻهو اتي رهي بک مري ويندا. ٻي ڳالهه اها به آهي ته جي پالتو جانور نه پالي سگهبا، پالتو جانور چارو نه ملڻ جي صورت ۾ بک تي شڪي پاهه ٿي مري ويندا ته ماڻهو انهن جي آسري ڪيئن رهي سگهندا؟

ان ڪري اتان وري اهي پالتو حلال جانورن جا ڪاروبار به ختم ٿيندا ويندا ۽ ماڻهو مجبورن انهن علائقن مان لڏي ڪنهن اهڙي علائقي ۾ ويهندا جتي ڪين جيون دان ملي. ان ڪري اها ڳالهه رڳو اسان جي ملڪ سان لاڳو ناهي پر اهن سيني ملڪن سان لاڳو هجي ٿي جتي زراعت ۽ پالتو جانورن سان گڏ دريائي آبي حيات تي ماڻهن جو روزگار آڌاريل هجي ٿو. ان ڪري موسمياتي تبديليون انهن سيني ڏمرن جا سبب به آهن جنهن جي ڪري دنيا جا ملڪ پريشان آهن.

انهن ملڪن ۾ هڪ ٻي ڳڻتي به آهي ته جيڪي گليشيئر آهن اهي ڏينهن رات پيا پگهرجن جن جي ڪري سامونڊي پاڻيءَ جي سطح ۾ واڌ ٿي رهي آهي. ۽ سامونڊي پاڻي پنهنجو رنگ مٽائي ويو آ ۽ ٿيون ته جيڪي به تيل، گيس ۽ فرنيس آئل تي مشينون هلن ٿيون اهي هڪ ته زهريلو پاڻي ۽ دونهون زمين جي سطح تي ڇڏين ٿيون. ان ڪري انهن سيني جي شفٽ ضروري آهي ته اهي تيل، پيٽرول، ڊيزل ۽ گيس جي استعمال ڪانسواءِ هاڻي سولر انرجيءَ تي اهي سڀ مشينون، صنعتون ۽ فيڪٽريون هلائن ته جيئن دونهين مان جان ڇٽي ۽ ترقي کي بيهاري نه سگهجي ۽ اها ترقي نان اسٽاپ ترقي هجي يا ٿي پئي.

ان ڪري جيستائين اهي توانائيون منتقل نه ٿيون ٿيون تيستائين اهن ٻي سبب "ملين آف ٽنز" دونهين مان جان نه ڇٽندي. اهي جيڪي نقصان ٿين ٿا اهي ٿيندا رهندا ۽ انهن جي ان تيزيءَ تي ڪير به پير نه رکي سگهندو. ان ڪري اهي مشينون، صنعتون، فيڪٽريون ۽ ترقي جا ذريعا به ڳالهيون ڪن هڪ ته شين جي پائداري تي ڌيان ڏين ته جيئن مشينون گهٽ ۾ گهٽ هلن ۽ ٻيو ته انرجي رسورسز تي ڌيان ڏين ته جيئن اهي هڪ تڪڙي شفٽ تحت گيس، پيٽرول ۽ ڊيزل تان شفٽ ٿي وڃن ۽ ٻي سبب "ملين آف ٽنز" دونهين مان جان ڇٽي. ۽ ٿيون ته "گرين سوسائٽي ۽ گرين انوارونمينٽ" تي ڌيان ڏين ۽ ماڻهن ۾ جاڳرتا پيدا ڪن ته جيڪي به فيڪٽرون آهن اهي ريسائڪلنگ مهل اها ڳالهه ڏسن ته ماڻهن ڪٽي گهٽ ۾ گهٽ ڊسپوزبل شيون استعمال ڪن.

اسٽين ليس اسٽيل شين تي گهڻو ڌيان ڏين. فيڪٽريون، صنعتون، ادارا ۽ ڪنزيومر به گڏوگڏ اهي سڀ شيون استعمال ڪن جن ۾ بجلي جو گهٽ استعمال هجي. شيون ڊجيٽائيزڊ هجن معني ٽرانسپورٽيشن گهٽ ۾ گهٽ استعمال ٿئي. سرڪاري ۽ خانگي ڪمپنيون ماڻهن کي گڏيل ٽرانسپورٽ مهيا ڪن ته جيئن هر فرد موٽرسائيڪل، الڳ الڳ ڪار ۽ الڳ ٽرانسپورٽ استعمال نه ڪري. تشو ڪلچر کي گهٽ ڪيو وڃي. پيپرليس ورڪنگ تي زور هجي. ڪمپيوٽرائيزڊ عملن ۾ تيزي آڻجي. ليٽربازي نه ڪجي ۽ ايميلنگ تي زور ڏجي. گوگل ميٽنگز تي ڌيان ڏجي. اهي سڀ شيون ۽ عمل ڪجن جن ۾ پيپرليس ۽ ٽرانسپورٽ ليس ڪم هجي. معني جيڪڏهن روڊ تي بسيون ۽ گاڏيون گهٽ هلنديون ته اهي دونهون به نه ڪنديون. ۽ جي شيون ڊجيٽائيزڊ هونديون، فون ۽ گوگل زوم جو استعمال گهڻو هوندو ته هوا ۾ دونهون گهٽ ڇڏي سگهبو ۽ نتيجي ۾ هوا صاف سٺري هوندي. جنهن جي نتيجي ۾ وري ڌرتي کي دونهين کان بچائي سگهبو ۽ موسمياتي تبديلين جي ڏمر کان بچي سگهبو.

ڪوئي ڪُهي سُپرين، ڪوئي ڪُهڻَ ساڻُ؛
نيزي هيلان نينهنَ جي، پاسي ڪرمَ پاڻُ؛
ڄُلَ، وِڃائي جانُ، عاشِقَ! اَجَلَ سامهُون.

سورهين قومي اسيمبلي

حيدر جاويد سيد

نيٺ انواهن ۽ دعوائن جي ابتڙ عام چونڊن جو آخري مرحلو به سورهين قومي اسيمبليءَ جي ميمبرن جي حلف کڻڻ واري تقريب سان پورو ٿي ويو. 336 ميمبرن جي ايوان جا 266 ميمبر سڌي ريت چونڊجي قومي اسيمبليءَ جا ميمبر بڻجن ٿا. باقي سيٽون عورتن ۽ اقليتن (ٻين مذهبي برادرين) لاءِ مخصوص ٿيل آهن. گذريل خميس واري ڏينهن قومي اسيمبليءَ جي 302 ميمبرن حلف کنيو حلف برداريءَ کان اڳ ۽ پوءِ مسلم ليگ (ن) ۽ پي پي آءِ جي حمايت يافته سني اتحاد ڪائونسل جي ميمبرن هڪٻئي جي خلاف شديد نعريبازي ڪئي. سني اتحاد ڪائونسل جا ڪجهه ميمبر پوائنٽ آف آرڊر تي ڳالهائڻ لاءِ زور ڀريندا رهيا. جنهن تي اسپيڪر قومي اسيمبلي راجا پرويز اشرف جواب ڏنو ته ٻهرين توهان قانون مطابق قومي اسيمبليءَ جا ميمبر ته بڻجي وڃو. پوءِ پوائنٽ آف آرڊر تي به ڳالهائي وٺجو. اسپيڪر جي ان جواب تي علي محمد خان ۽ اسد قيصر موقف اختيار ڪيو ته اسپيڪر ائين کي بلڊوز ڪري رهيو آهي.

اربع واري شام قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ خميس تي آئيني گهرجن مطابق قومي اسيمبلي جو اجلاس سڏائڻ جو اعلان ڪيو. جنهن جي ڪجهه ڪلاڪن ڪانپوءِ صدر مملڪت به قومي اسيمبليءَ جو اجلاس سڏائڻ جي سمري تي صحي ڪري ڇڏي. صدر ٻهرين سمري اهو چئي رد ڪئي هئي ته ايوان مڪمل ڪونهي. اهو چوڻ درست ناهي ته قومي اسيمبلي جي سيڪريٽريٽ جي اجلاس سڏائڻ بابت پڌرائي صدر جي مرضيءَ بنا ۽ غير قانوني هئي. صدر مملڪت پنهنجي منصب جا فرض پورا ڪرڻ بدران پارٽيءَ جي ميمبر طور جذبات جو مظاهرو ڪيو. جڏهن ته اهو ان ڳالهه کان به آگاهه هو ته جيڪڏهن عام چونڊن جي انعقاد کان 21 ڏينهن پوءِ صدر مملڪت ۽ صوبائي گورنر قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جو اجلاس نٿا سڏائين ته اجلاس سڏائڻ لاءِ لاڳاپيل اسيمبلين جا سيڪريٽري اسپيڪر جي حڪم تي عمل ڪرڻ لاءِ پابند آهن.

اربع ۽ خميس جي وچ واري رات دير سان قومي اسيمبليءَ جو اجلاس سڏائڻ جي ٻي سمري تي صحي ڪندي صدر مملڪت نگران وزيراعظم طرفان لکيل خط تي شديد رد عمل جو مظاهرو ڪيو. سندس چوڻ هو ته نگران وزيراعظم کي رياست ۽ جمهوري نظام جي سربراهه (صدر مملڪت) سان ان ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ نه گهرجي ها. پر خود صدر مملڪت مارچ 2022ع کان هيستائين ڪيترن ئي موقعن تي رياست ۽ جمهوري نظام جي سربراهه جو ڪردار ادا ڪرڻ بدران پي ٽي آءِ جي رڪن طور تي پارٽي وفاداريءَ جو جهڙي ريت مظاهرو ڪندو رهيو. اهو به صدر مملڪت جي فرضن جي حوالي سان موجود دستوري شقن کان انحراف جي ذمري ۾ اچي ٿو.

سورهين قومي اسيمبلي جي حلف واري تقريب جي موقعي تي ايوان جي اندر موجي دروازي جي اجتماع جي انداز ۽ جذبات ۾ ٿيندڙ نعريبازي تي نرم کان نرم لفظن ۾ افسوس ئي ڪري سگهجي ٿو. مسلم ليگ (ن) ۽ پي ٽي آءِ جا حمايت يافته سني اتحاد ڪائونسل جي ميمبرن ڪجهه نعرن ۾ جيڪا ٻولي استعمال ڪئي، اها انهن جي جمهوريت ۽ سماجي اخلاقيات کان اڻڄاڻائي جي ثابتي آهي. اهڙي ريت سني اتحاد ڪائونسل جي ڪجهه ميمبرن جي طرفان حاضري رجسٽر تي صحي ڪرڻ وقت ڪيل نعريبازي کي به سياسي جلسن جي شوق ڪانسواءِ ٻيو ڪو نالو نٿو ڏيئي سگهجي. ايئن لڳي ٿو ته چار ڀيرا اقتدار جو حصو بڻجندڙ مسلم ليگ (ن) جي ميمبرن ئي نه پر اڳوڻي حڪمران جماعت پي ٽي آءِ جي قومي اسيمبلي ميمبرن به ماضيءَ مان ڪو به سبق ناهي سکيو انتهائي ادب ۽ احترام سان اسيمبلي ميمبرن جي خدمت ۾ اهو عرض ڪرڻ ضروري آهي ته عوام ڪين قومي اسيمبلي جي ميمبر طور فرض ادا ڪرڻ. ملڪ ۽ عوام کي درپيش مسئلا حل ڪرڻ جي اميد تي ووٽ ڏنا آهن. نه ڪي قومي اسيمبلي جي ايوان ۾ چوڪرن ڇاڪرن جي انداز ۾ بنا سبب جي ليٽنگ ٽپا ڏيڻ ۽ نعريبازي لاءِ انهن ٻنهي جماعتن سميت سمورين سياسي جماعتن جي اسيمبلي ميمبرن کي ايوان جي وقار ۽ ضابطن کي هر صورت ۾ سامهون رکڻ گهرجي.

اها اميد ئي ڪري سگهجي ٿي ته قومي اسيمبلي جا ميمبر ايندڙ اجلاسن ۾ مخالفن کي زير ڪرڻ لاءِ نڙي ڦاڙ نعريبازي جي بدران پنهنجي فرضن جي بجا آوري تي توجهه ڏيندا. ٻئي طرف جي يو آءِ (ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان پنهنجي جماعت جي قومي اسيمبلي جي ٻين ميمبرن سان اسيمبلي جي ميمبر طور ته حلف کڻي ورتو آهي پر اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر ۽ وزيراعظم جي چونڊ جي مرحلن جو بائيڪاٽ ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. مولانا جو چوڻ آهي ته اها عوام جي نه پر اسٽيبلشمينٽ جي اسيمبلي آهي. جيڪڏهن ايئن آهي ته ان جي جماعت جا ميمبر ڇا اسٽيبلشمينٽ جي "مرضي" ڪانسواءِ اليڪشن کٽي اسيمبلي ۾ پهتا آهن؟

ڳالهه اها آهي ته هن ملڪ ۾ اڄ تائين هڪ به اليڪشن اهڙي ناهي ٿي، جن تي چونڊن وڙهندڙ سياسي پارٽين اعتماد جو اظهار ڪندي ان تي شفاف اليڪشن قرار ڏنو هجي. هيستائين ٿيندڙ سمورين چونڊن ڪانپوءِ چونڊ عمل ۾ شريڪ ٿيندڙ جماعتن نه صرف الزامن جو سلسلو ئي شروع ڪيو پر احتجاج جو رستو پڻ اختيار ڪيو. تازين چونڊن جي نتيجن تي ناراض ڪجهه سياسي جماعتون ۽ اتحاد به احتجاج ڪري رهيا آهن. جڏهن ته سياسي احتجاج کان وڌيڪ بهتر عمل لاڳاپيل فورمن سان رجوع ڪرڻ آهي.

جيستائين پي ٽي آءِ جي حمايت يافته سني اتحاد ڪائونسل جي ميمبر قومي اسيمبلي بئريسٽر گوهر علي خان جي ان موقف جو تعلق آهي ته ان جي ساٿين جو قومي اسيمبلي ۾ حقيقي تعداد 188 آهي ۽ جيئن اهو تعداد پورو ٿيندو ته اسان حڪومت ناهينداسين. ان تي هن وقت في الحال اهو ئي چئي سگهجي ٿو ته بئريسٽر گوهر علي خان قوم کي اهو ضرور ٻڌائي ته ان جا ڪيترا ساٿي چونڊن جي نتيجن خلاف لاڳاپيل فورمن تي ويا آهن. بهرحال سورهين قومي اسيمبلي جي حلف برداري جي تقريب ۽ جوڙجڪ جو عمل مڪمل ٿيڻ تي عوام اها اميد ڪري ٿو ته اسيمبلي ميمبر پارٽي وفادارين کان مٿانهان ٿي انهن جي مسئلن جي حل، سياسي ۽ معاشي عدم استحڪام جي خاتمي لاءِ پنهنجون سموريون صلاحيتون ڪم آڻيندا.

بقايا 01

رهندي. نوٽيس ۾ چيو ويو آهي ته نامزدگي ڪاغذ 3 مارچ تائين رٽرننگ آفيسر وٽ جمع ڪرائي سگهجن ٿا. ڪاغذن جي ڇنڊڇاڻ 5 مارچ تائين ۽ اپيلون 7 مارچ تائين داخل ڪري سگهجن ٿيون. اپيلن تي فيصلو 9 مارچ تائين ۽ نامزدگي ڪاغذ 10 مارچ تائين واپس وٺي سگهجن ٿا.

بقايا 02

ذريعي روزگار فراهم ڪري رهيون آهن. فيصلو ڪرڻو پوندو ته صنعتون هلائڻيون آهن يا سبسڊي فراهم ڪرڻي آهي.

بقايا 03

جي ٻاهر ويٺل نمائندن ۽ اسٽيڪ هولڊرن سان به مفاهمت سان هلنداسين. هن چيو ته اسان مفاهمت جي سوچ سان بلوچستان ۾ حڪومت هلائينداسين، صوبي جا مسئلا ڪو هڪ شخص يا سياسي جماعت حل نٿي ڪري سگهي. سندس چوڻ هو ته سرفراز بگٽي وڏي وزير طور پنهنجو پهريون دورو گوادر جو ڪندو، هو عوام کي رليف ڏيڻ جو اعلان ڪندو. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته پ پ سنڌ ۽ بلوچستان ۾ حڪومت سنڀالي رهي آهي، پارليامينٽ کان ٻاهر ويٺل اسٽيڪ هولڊرن کي انگيج ڪنداسين. پ پ چيئرمين وڌيڪ چيو ته محمود خان اڇڪزئي صدارتي چونڊ لاءِ جيڪڏهن پي ٽي آءِ جو اميدوار بڻجندو ته پاڻ کي قوم پرست نه چئي سگهندو.

بقايا 04

، عامر ڊوگر، جنيد اڪبر عمر ايوب جا نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا. سني اتحاد ڪائونسل جا ميمبر نعرا لڳائيندي اسپيڪر آفيس پهتا. اسپيڪر اياز صادق ٻنهي اميدوارن جا نامزدگي ڪاغذ منظور ڪري ورتا. قومي اسيمبلي سپائي نئين وزيراعظم جي چونڊ ڪندي ۽ اجلاس ڏينهن جو 11 وڳي ٿيندو، وزيراعظم جي چونڊ لاءِ سادي اڪثريت حاصل ڪرڻ لازمي آهي. 336 جي ايوان ۾ 169 ووٽ کڻندڙ کي وزيراعظم قرار ڏنو ويندو. شهباز شريف کي 200 کان وڌيڪ ووٽ ۽ عمر ايوب خان کي 90 کان وڌيڪ ووٽ ملڻ جو امڪان آهي.

بقايا 05

وٽ به ويندا سين. ڪراچي ۾ صحافين سان ڳالهائيندي مراد علي شاهه چيو ته خيبر پختونخواهه جي نئين چونڊيل وڏي وزير علي امين گنڊاپور جي تقرير سان خبر پئي ته پارٽي گائيڊ لائن ڇا آهي، هن چيو ته صدارتي چونڊن ۾ ووٽ لاءِ ايم ڪيو ايم وٽ به ويندا سين. ايم ڪيو ايم سان ماضي ۾ سٺا لاڳاپا رهيا. سندس چوڻ هو ته اسان جي لوڪل گورنمينٽ هن وقت امپاور آهي، ايم ڪيو ايم جي بلديات بابت ڊيمانڊ پنجاب لاءِ ٿي سگهي ٿي. مراد علي شاهه چيو ته بلاول ڀٽو زرداري ڏانڌلي جي حوالي سان چئي چڪو آهي، اسان کي سنڌ سميت هر هنڌ خدشا آهن.

بقايا 06

نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ وزيراعظم هائوس خالي ڪري منسٽر انڪليو منتقل ٿي ويو. ڪيس منسٽر انڪليو ۾ بنگلو نمبر 15 الاٽ ڪيو ويو آهي. واضح رهي ته آچر تي قومي اسيمبلي اجلاس ٿيندو جنهن ۾ نئين وزيراعظم

جي چونڊ ٿيندي. جنهن ڪانپوءِ نئون وزيراعظم پي ايم هائوس منتقل ٿي ويندو

بقايا 07

۽ قلر 144 لاڳو ڪيو ويو آهي ان حوالي سان گشت وڌائيندي شهر جي چيڪنگ سخت ڪئي وئي آهي. ڪنهن به هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ سي ٽي ڊي جي خصوصي دستن کي به مقرر ڪيو ويو آهي. اسلام آباد پوليس جي ترجمان ٻڌايو آهي ته شهري سفر دوران ضروري سڃاڻپ ڪارڊ پاڻ سان گڏ رکن ۽ چيڪنگ دوران پوليس سان تعاون ڪري. پوليس ترجمان ٻڌايو ۽ ايف نائن پارڪ جي چوڌاري ٽريفڪ جو رش ٿي سگهي ٿو ان لاءِ شهري ان طرف غير ضروري سفر کان پاسو ڪن.

بقايا 08

وڌائن سان گڏ ٽيڪس سليب ۾ گهٽتائي جو مطالبو ڪري ڇڏيو آءِ ايم ايف فيڊرل بورڊ آف روينيو (ايف بي آر) کي سفارش ڪئي آهي ته پگهاردار ۽ غير پگهاردار طبقن لاءِ ٽيڪس جو بار ٻيڻو ڪيو وڃي ته جيئن انهن جي فرق کي ختم ڪيو وڃي. سليب جو تعداد 7 کان گهٽائي 4 ڪيو وڃي ۽ پينشنرز کي پرائيويٽ ملازمن جي مدد تي ٽيڪس ڇوٽ ختم ڪيو وڃي، آءِ ايم ايف اندازو لڳايو آهي ته جيڪڏهن پرسنل انڪم ٽيڪس (پي آءِ ٽي) جي تجويزن تي مڪمل طور تي عمل ڪيو وڃي ته ان سان جي ڊي پي جي آمدني جو 0.5 سيڪڙو اضافو ٿي سگهي ٿو، جيڪو سالياني بنيادن تي 500 سيڪڙو آهي. جيڪو 10 ارب رپين جي برابر آهي. ايف بي آر هلندڙ مالي سال جي پهرين 8 مهينن (جولاءِ کان فيبروري) دوران پگهاردار طبقي کان هن وقت تائين 215 ارب رپيا گڏ ڪري چڪو آهي، هڪ اندازي موجب ايف بي آر پگهاردار طبقي کان 300 ارب رپيا گڏ ڪري سگهي ٿي. پي ٽي آءِ ايم ايف جي سفارش سان پگهاردار ۽ نان سيلري ٻنهي طبقن مان 500 ارب رپين جي اضافي آمدني ٿي سگهي ٿي. اعليٰ حڪومتي ذريعن دي نيوز کي تصديق ڪندي ٻڌايو ته ايف بي آر اسٽنٽني ۽ بيا ترجيحي ٽيڪس علاج ختم ڪري پنهنجي آمدني ۾ اضافو ڪري سگهي ٿو

بقايا 09

گهٽ رکڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ وفاقي ڪابينه ۾ وزيرن جو انگ 20 ٿيڻ تي ايم ڪيو ايم کي 2 وزارتون ملڻ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي. ذريعن ٻڌايو آهي ته ايم ڪيو ايم کي ميري ٽائم جي وزارت ملي سگهي ٿي پر انفارميشن ٽيڪنالاجي جي وزارت ملڻ جو ڪوبه امڪان نه آهي. جڏهن ته سنڌ جي گورنر شپ لاءِ نالي تي ايم ڪيو ايم ٻن ڌڙن ۾ ورهائجي وئي آهي. ذريعن موجب ايم ڪيو ايم جو هڪ گروپ ڪامران ٽيسوري کي سنڌ جو گورنر ڏسڻ چاهي ٿو جڏهن ته ٻيو گروپ خوش بخت شجاعت کي گورنر بنائڻ جو خواهشمند آهي. ذريعن ٻڌايو آهي ته ايم ڪيو ايم 5 وزارتن جو مطالبو ڪيو هو پر (ن) ليگ ايم ڪيو ايم کي 2 وزارتون ڏيڻ جي آڇ ڪئي هئي جنهن ۾ سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي ۽ حج واري وزارت جي آڇ شامل هئي پر ايم ڪيو ايم ٻئي وزارتون وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو

بقايا 10

زرداري جا نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائي ڇڏيا آهن. چيف جسٽس اسلام آباد هاءِ ڪورٽ عامر فاروق آصف زرداري جا نامزدگي ڪاغذ وصول

ڪيا. پاڪستان پيپلز پارٽي طرفان آصف زرداري صدارتي اميدوار هوندو سينيٽ ۽ قومي اسيمبلي ۾ صدارتي چونڊن لاءِ چيف جسٽس اسلام آباد هاءِ ڪورٽ کي پرزائيڊنگ آفيسر مقرر ڪيو ويو آهي. ٻئي طرف سني اتحاد ڪائونسل طرفان صدارتي چونڊن لاءِ لطيف کوسه، عمر ايوب خان ۽ ٻين اڳوائن صدر جي لاءِ محمود خان اڇڪزئي جا نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا. ان ومقعي تي لطيف کوسي جسٽس عامر فاروق کي چيو ته اسان سمجهي رهيا هئاسين ته اوهان اسان کي چيمبر ۾ گهرائي چانهه پياريندو جنهن تي جسٽس عامر فاروق چيو ته پانهه ته ان کان پوءِ به اوهان کي پيارينداسين. عمر ايوب ۽ علي محمد خان به هن عدالت ۾ پهرين پيرو آيا آهن. جنهن تي علي محمد چيو ته مان هن عدالت ۾ انصاف گهرڻ اچي رهيو آهيان.

بقايا 11

جڏهن ته مٿن لاٺي چارج به ڪيو ويو آهي. پاڪستان تحريڪ انصاف پاران عام چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلي خلاف ڪراچي ۾ پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو پيو وڃي. احتجاجي مظاهري کي خطاب ڪندي خرم شير زمان سميت تحريڪ انصاف جي مختلف اڳواڻن چيو ته چونڊن ۾ پي ٽي آءِ جي ڪٽيندڙ اميدوارن جا نتيجا تبديل ڪيا ويا ۽ فارم 45 ۾ ڪٽيندڙن جي فتح کي شڪست ۾ تبديل ڪيو ويو. ٻئي طرف پي ٽي آءِ ڪارڪنن ته اسلام آباد ۾ نيشنل پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو. ڪارڪنن پي ٽي آءِ جي باني جي تصويرن سان گڏ پلي ڪارڊ کنيا. ايف 6 کان پريس ڪلب تائين مارچ ڪيو. جتي پي ٽي آءِ اڳواڻن ريلي کي خطاب ڪيو. ان ڪان علاوه پشاور ۾ به مظاهرا ڪيا ويا. پرسپ ڪان وڌو مظاهرو لاهور ۾ جاري آهي. جتي پوليس پاران تحريڪ انصاف جي ڪيترن ئي ڪارڪنن کي گرفتار پڻ ڪيو ويو. لاهور هاءِ ڪورٽ ٻاهران گڏ ٿيل تحريڪ انصاف جي ڪارڪنن تي پنجاب پوليس لاٺي چارج ڪيو ۽ ان دوران پي ٽي آءِ جي جهنڊن سان ڀريل گاڏي کي گهيرو ڪيو ۽ ڊرائيور کي گاڏي مان ٻاهر ڪڍي مال روڊ تي احتجاج ڪندڙ پي ٽي آءِ جي 8 ڪارڪنن کي پوليس گرفتار ڪري ورتو. هاءِ ڪورٽ پرسان پوليس جي نفري مقرر ڪئي وئي ۽ جيئن ئي پي ٽي آءِ ڪارڪن احتجاج ڪرڻ لاءِ اتي پهتا ته پوليس ڪين گرفتار ڪري ورتو. جنهن بعد باقي مظاهرين منتشر ٿي ويا. تحريڪ انصاف جا ڪارڪن ۽ انصاف لائرز فورم جا وڪيل به لاهور هاءِ ڪورٽ ٻاهران گڏ ٿيا ۽ ڪين احتجاج ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ پارڪنگ لاٽ ۾ بند ڪري ڇڏيو هن وقت جي ۾ اهو ڪوٽ تي تحريڪ انصاف جا ڪيترائي ڪارڪن موجود آهن. جن کي پوليس جي نفري ۽ واٽر ڪينن ذريعي منتشر ڪيو پيو وڃي.

بقايا 12

مان به سسٽم اڄ نڪري ويندو. موسمياتي تجزئي نگار ٻڌايو آهي ته ڪراچي ۾ آسمان صاف، موسم خشڪ ۽ رات لڏي رهندي. شهر ۾ ڪجهه ڏينهن تائين ڪوئيٽا جون لڏيون هوائون گهلنديون رهنديون. هوا جي رفتار 30 کان 40 ڪلو ميٽر في لاڪ تائين پهچي سگهي ٿي. تجزئي نگار موجب شهر ۾ غير موسمي ٿڌ جي اها لهر مختصر دورانيي جي آهي پر ان جي نتيجي ۾ پارو 11 کان 9 ڊگري تائين ڪري سگهي ٿو. هوڏانهن چيف ميٽرولاجسٽ سردار سرفراز چيو ته ڪراچي ۾ ٿڌ جي تازي لهر غير معمولي آهي. مارچ 1979 ۾ ڪراچي جو پارو 7 ڊگري تائين ڪريو هو هن چيو ته مارچ ۾ اهڙي ٿڌ ناهي ٿيندي ۽ مارچ ۾ ٿيندڙ برساتون به غير معمولي آهن.

بقايا 13

صدر جي لاءِ نامزد اميدوار محمود خان اڇڪزئي مولانا فضل الرحمان جي رهائشگاهه تي ان سان ملاقات ڪئي ذريعن موجب محمود خان اڇڪزئي مولانا فضل الرحمان سان صدر جي لاءِ ووٽ گهري ورنو ۽ چيو ته اسان جو پراڻو تعلق آهي. اسان ڪائي وقت گڏ تحريڪ ڪئي ۽ گڏ رهيو آهي اميد آهي ته اوهان اسان کي سپورٽ ڪندو. ذريعن موجب مولانا فضل الرحمان جواب ڏنو آهي ته اسان جي پارٽي فيصلو ڪيو آهي ته ڪنهن به چونڊ عمل جو حصو نه بڻجنداسين. پارٽي قيادت سان مشورو ڪرڻ کان پوءِ اوهان کي آگاهه ڪنداسين.

بقايا 14

رپورٽ موجب برساتن سبب 13 گهرن کي جزوي ۽ 21 گهرن کي مڪمل طور نقصان پهتو آهي. ڊائريڪٽر جنرل پي ڊي ايم اي محمد قيصر خان

ٻڌايو ته متاثر ضلعن ۾ امدادي ڪارروائيون جاري آهن. برفباري ۽ لينڊ سلائيڊنگ سبب بند روڊ کولڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن.

بقايا 15

چيو ته عوام ڌانڌلي وارين چونڊن کي گڏيل طور تي رد ڪري ڇڏيو آهي. چوري ٿيل نتيجن سان نهندڙ حڪومت کي به رد ڪيو ويو آهي. هن چيو ته ملڪ ۾ اڳ به ووٽ چوري ڪيا ويا، هن ڀيري نتيجو چوري ٿيو. افسوس جي ڳالهه آهي ته جن فارم 45 تي ڪٽيا اهي ٻاهر آهن ۽ جن وٽ فارم 47 آهي اهي حلف کڻي رهيا آهن هن چيو ته جماعت اسلامي کي اسيمبلي مان ٻاهر ته رکي سگهجي ٿو پر چوڪن ۽ چوراهن تي عوام جي نمائندگي ڪرڻ کان نٿو روڪي سگهجي. سراج الحق چيو ته حڪومت ادارن جي نجڪاري بدران ڊيلي ويجز ملازمن کي مستقل ڪري. ملڪ ۾ ڪانٽريڪٽ جو نظام ختم ڪيو وڃي.

بقايا 16

هن چيو ته محمود خان اڇڪزئي کي نامزد ڪندي پي ٽي آءِ برانڊ تبديل ڪيو آهي. جڏهن برانڊ تبديل ڪئي ٿو ته ليڊر به تبديل ڪيو وڃي ٿو

بقايا 17

علي امين گنڊاپور کان ڪي پي ڪي جي گورنر غلام علي حلف ورتو. رپورٽ موجب حلف برداري جي تقريب گورنر هائوس پشاور ۾ منعقد ٿي جنهن ۾ ڪي پي ڪي اسيمبلي جي اسپيڪر، ڊپٽي اسپيڪر، قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن، پي ٽي آءِ اڳوائن سميت وڏي انگ ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي. بابر اعوان، اعظم سواتي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. حلف جي تقريب ۾ ڪارڪنن جو وڏو انگ به گورنر هائوس پهتو ان دوران برسات جو سلسلو به جاري رهيو پي ٽي آءِ ڪارڪنن جي پوليس سان سخت جهلن جي ٿي وٽ پڻ ٿي جي مهمانن جي ڪرسين تي ڪارڪنن قبضو ڪري ورتو اسيمبلي ميمبرن جي سيٽن تي به ڪارڪن ويهي رهيا. مهمانن جون ڪرسيون خالي ڪرڻ جي لاءِ اسٽيج تان ڪيترائي ڀيرا اپيلون پڻ ٿيون پر ڪارڪنن هڪ به نه ٻڌي. جنهن کان پوءِ نون چونڊيل ميمبرن ٻيهي تقريب ۾ شرڪت ڪئي. ايم پي اي کي به ويهڻ جي لاءِ جڳهه نه ملي.

بقايا 18

جي چتن تي ڇپون ڪرڻ جي ڏار واقعن ۾ ٻارن سميت 13 ڇڻا فوت ٿي ويا. صوبائي گادي واري شهر ۾ وقفي وقفي سان پوندڙ برسات سبب هيٺاهين وارا علائقا پاڻي هيٺ اچي ويا جنهن سبب زندگي جو نظام مفلوج ٿي وئي پئي طرف مٿاهين وارن علائقن ۾ برفباري سبب اهڙن علائقن جو رابطو ٻين علائقن سان ڪاٽا ٿي ويو آهي. ڊي آءِ اي موجب بند رستن کي کولڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي پر لاڳيتو پوندڙ برفباري سبب ڪم ۾ رنڊڪ پئجي رهي آهي. هوڏانهن لوئر دير جي علائقي ۾ هڪ گهر جي ڇت تي مٽيءَ جي ڇپ ڪرڻ سبب 3 ڇڻا فوت ٿي ويا. ريسڪيو 1122 موجب ملبي هيٺيان 4 ڇڻن جي دٻجي وڃڻ جي اطلاع هئي جنهن تي ڪارروائي ڪندي 3 لاش ۽ هڪ زخمي کي ڪڍيو ويو آهي. فوت ٿي ويلن ۾ 25 ورهين جو زاهد ولد شير مولا، 23 ورهين جي عورت، 5 ورهين جي حريره جڏهن ته 3 ورهين جو طفل ارحم عمر زخمي ٿي پيو آهي ريسڪيو 1122 موجب باجوڙ غاخي ڪندو ماموند ۾ تيز برسات سبب ڪچي گهر جي ڪمري جي ڇت ڪرڻ سبب 3 ٻار فوت ٿي ويا. ڪنٽرول روم کي اطلاع ملندي ئي ڊيزاسٽر ۽ ميڊيڪل ٽيمون موقعي تي پهچي امدادي ڪارروايون شروع ڪيون ۽ مقامي ماڻهن سان ملي ٻارن کي ملبي مان ڪڍيو ويو مالاڪند ۾ امدادي اداري جي رپورٽ موجب تازن برساتن جي نتيجي ۾ بٽ خيل، خٽڪي قبرستان پرسان گهر جي ڇت ڪري پئي. جنهن ۾ 5 ڇڻا دٻجي ويا. ريسڪيو ٽيمن ملبي مان نور رحمان زال رحمان، 10 ورهين جي گلاشي، 7 ورهين جي حورا ۽ 5 ورهين جي ماهه نور کي ڪڍي جوڳي حالت ۾ ڪدي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن هڪ عورت زال نور رحمان ۽ 5 ورهين جي ڌيءَ ماهه نور جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪري ڇڏي.

بقايا 19

يا آهن. عرب ميڊيا جو چوڻ آهي ته غزه جي اسپتالن ۾ غذائي ڪوٽ جو شڪار وڌيڪ 4 ٻارڙن دم ڏئي ڇڏيو آهي. عرب ميڊيا موجب، 7 آڪٽوبر کان هن وقت تائين اسرائيلي حملن ۾ شهيد فلسطينين جو انگ 30 هزار 200 کان

وڌي ويو جڏهن ته 71 هزار 300 کان وڌيڪ ماڻهو زخمي ٿي چڪا آهن. هوڏانهن يهودي فوج جي غزه ۾ بمباري سبب 7 اسرائيلي قيدي به مارجي ويا آهن. ٻئي پاسي امريڪا پاران غزه ۾ هوائي جهاز ذريعي امداد پهچائڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. امريڪي صدر جوبائيڊن جو چوڻ آهي ته امريڪا غزه ۾ امداد جي اضافي لاءِ هر ممڪن قدم کڻندو

بقايا 20

، سعودي عرب جي اسلامي معاملن ۽ رابطن واري وزارت موجب ان فيصلي جو مقصد مسجدن ۾ صفائي سٿرائي کي يقيني بڻائڻ آهي. مسجدن لاءِ خاص هدايتون جاري ڪندي چيو ويو آهي ته رمضان المبارڪ دوران ماڻهن کي افطار ڪرائڻ لاءِ ڪنهن به قسم جا عطيا قبول نه ڪيا ويندا. جاري ڪيل هدايتن ۾ چيو ويو آهي ته رمضان المبارڪ ۾ مسجدن جي ٻاهران افطاري ڪرائي سگهجي ٿي.

بقايا 21

ٿي آهي. محمود خان اڇڪزئي جا نامزدگي فارم جمع ڪرائڻ وقت لطيف کوسا چيف جسٽس عامر فاروق کي چيو ته اسان سمجهيو ته توهان چيمبر ۾ گهرائي چانهه پياريندئو چيف جسٽس چيو ته چانهه ته توهان کي ان ڪانپوءِ به پيارينداسين. عمر ايوب ۽ علي محمد خان به پهرين پيرو هن عدالت ۾ آيا آهن. علي محمد خان چيو ته مان انصاف لاءِ هن عدالت ۾ ايندو رهيو آهيان. چيف جسٽس عامر فاروق سوال ڪيو ته ڪوسا صاحب توهان پنهنجو پرونالو ڇا لکندا آهيو؟ سردار لطيف کوسا چيو ته منهنجي پارٽي هاڻي زور پري ٿي نالي سان گڏ سردار لکان. ان تي چيف جسٽس عامر فاروق چيو ته توهان کي نالي سان گڏ سردار ضرور لکڻ گهرجي

بقايا 22

عبدالعزيز جوڻيجو جي وفات تي وارثن پائيتين پ پ اڳواڻ اسد خان جوڻيجو، زبير احمد جوڻيجو ۽ علي بخش جوڻيجو سان تعزيت ڪري گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو. تعزيت ڪرڻ دوران وڏي وزير سان ايم پي اي ڊاڪٽر سڪندر شورو، ايم پي اي ملڪ سڪندر خان، ڊاڪٽر سڪندر راهپوٽو، اصغر علي آرائين، عمران لغاري سميت ٻيا سائين گڏ هئا. ان موقعي تي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته مرحوم عبدالعزيز جوڻيجو اسان جو ساٿي اسيمبلي ميمبر هو. سندس لاڏاڻي تي گهرو ڏک ۽ صدمو پهتو آهي. عبدالعزيز جهڙا ماڻهو صديون ۾ پيدا ٿيندا آهن. اهڙن ماڻهن جو خال پرجڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. جوڻيجا خاندان سدائين کان پ پ سان سلهاڙيل رهيا آهن سندس ڪي اين شاهه تعلقي اندر ڪيل خدمتون سارهه جوڳيون آهن هن وڌيڪ چيو ته پ پ ۽ نواز ليگ جو آصف علي زرداري گڏيل صدارتي اميدوار آهي ڪيس سينيٽ ۽ قومي اسيمبلي جي ٻنهي ايوانن ۾ واضح اڪثريت آهي. هو 2008 کان 2013 تائين سيني اتحادين جماعتن کي گڏ ڪٺي هليو ۽ پنهنجا اختيارات پارليامينٽ حوالي ڪيا هئا. آصف علي زرداري کان وڌيڪ ٻيو ڪو مضبوط اميدوار ڪونهي. ٻيون سياسي پارٽيون اسان جو ساٿ ڏين آصف علي زرداري ملڪ جو ٻيهر صدر ٿي ويندو.

بقايا 23

ٻهرا مندخان تنگي سينيٽ سيڪريٽريٽ ۾ نهراءِ جمع ڪرايو جنهن ۾ چيو ويو ته سوشل ميڊيا جي استعمال جا نوجوانن تي ناڪاري اثر پئجي رهيا آهن. نهراءِ موجب اهي پليٽ فارم اسان جي مذهب، ثقافت ۽ روايتن خلاف شين جي پکيڙ لاءِ استعمال ٿي رهيا آهن. معاشري ۾ ٻولي ۽ مذهب جي بنياد تي ماڻهن ۾ نفرت پيدا ڪئي پئي وڃي، ان ڳالهه جا به خدشا آهن ته اهي ملڪي مفاد خلاف وڃي رهيا آهن جنهن ۾ ناڪاري ۽ ڪُڙي پروپيگنڊا سان پاڪ فوج کي نشانو بڻايو ويندو آهي.

بقايا 24

14 شين جي قيمتن ۾ اضافو ٿيو جڏهن ته 12 شين جي قيمتن گهٽتائي ٿي ۽ 25 عام واهپي جي ضروري شين جون قيمتون مستحڪم رهيون. هڪ هفتي دوران مڳن جي دال، پٽاٽا، ٿوم ۽ گوشت سميت ڪيترين ئي شيون مهانگيون ٿيون. آنن جي قيمتن ۾ 1.32 سيڪڙو، گيس جي قيمتن ۾ 15.52 سيڪڙو، بصر جي قيمتن ۾ 2.87 سيڪڙو، پٽاٽن جي قيمتن ۾ 0.68 سيڪڙو، مڳن جي دال جي قيمت ۾ 0.27 سيڪڙو ۽ گوشت جي قيمت ۾

0.32 سيڪڙو اضافو ٿيو شماريات کاتي موجب هڪ هفتي دوران ماش جي دال جي قيمتن ۾ 0.97 سيڪڙو، ايل پي جي قيمتن ۾ 0.85 سيڪڙو، ٽماٽن جي قيمتن ۾ 11.48 سيڪڙو گهٽتائي ٿي. ان کان علاوه ڪوڪنگ آئل جي قيمتن ۾ 0.44 سيڪڙو، سادي ماني جي قيمتن ۾ 0.35 سيڪڙو، ويجيٽيبل گيهه جي قيمتن ۾ 0.22 سيڪڙو، ڳڙ جي قيمت ۾ 0.33 سيڪڙو ۽ مسور جي دال جي قيمتن ۾ 0.21 سيڪڙو گهٽتائي ٿي.

بقايا 25

۾ متاثر علائقن جي خاندانن کي خوراڪ، پاڻي دوائون ۽ بسترا ڏيڻ کان پوءِ انهن کي مختلف محفوظ ڪيمپن ۾ منتقل ڪيو ويو آهي. گوادر جي متاثر علائقن ۾ ڊي واٽرنگ ڪارروايون جاري آهن. جن ۾ ملافاضل چوڪ، جنت بازار، شاهين چوڪ، سربندر ۽ جيواني شامل آهن. 20 خاندان جي بي اي ريسٽ هائوس ۾ ترسيل آهن. جڏهن ته 43 خاندان ملاح بينڊ وارڊ مان فقير ڪالوني ۽ ملاح بينڊ پرائمري اسڪول منتقل ڪيا ويا. سول انتظاميه ۽ فوج جا 34 واٽر پمپ علائقن ۾ موجود آهن جڏهن ته 8 ميڊيڪل ڪيمپس قائم ڪيا ويا. مريضن جي علاج لاءِ گوادر شهر جي ويجهو بازنجو فٽبال ڪلب ۽ آر سي ڊي سي ڪيمپ لڳايو ويو جيواني ۾ روهبر ڪان ۽ سربندر ۾ به سيٽ اپ قائم ڪيا ويا آهن جتي 1500 کان وڌيڪ مريضن جو علاج ڪيو ويو ۽ 860 متاثر خاندانن ۾ 23 ٽن راشن ورهايو ويو آهي. 29 فيبروري جي رات 5 ڪلاڪن تائين آپريشن جاري رهيو. مختلف هنڌن تي ماڻهن کي حفاظت سان ٻوڏ جي پاڻي مان ڪڍيو ويو 7 ڇتن تي ڦاٿل هڪ خاندان نگور آڪوڙه علائقي ۾ قاسي ويو هو. آپريشن ڪان پوءِ خاندان جا سمورا ماڻهو ۽ انهن سان گڏ 35 چوپائي مال کي محفوظ هنڌ منتقل ڪيو ويو 29 فيبروري جي رات ۽ پهرين مارچ جي صبح هڪ مشڪل آپريشن دوران پاڪ فوج ۽ ڪوسٽ گارڊ جي جوانن شبي ندي ڪناري ۽ پاليري واري هنڌ ٻوڏ جي پاڻي ۾ ڦاٿل 8 ڇڻن کي حفاظت سان ڪڍيو ويو پاڻي جو وهڪرو تمام گهڻو تيز هو پر جوانن جان جي پرواهه کان سواءِ ڪين حفاظت سان ڪڍي محفوظ هنڌ تي منتقل ڪري ڇڏيو. جاري ڪيل شيڊيول موجب انهن ٿنهي سيٽن جي چونڊ لاءِ پولنگ 14 مارچ 2024 تي صبح 9 کان شام 4 وڳي تائين بنا ڪنهن وقفي جي جاري رهندي. ياد رهي ته سينيٽ جي چونڊن لاءِ پولنگ بلوچستان اسيمبلي ڪوئٽه ۾ ٿيندي.

بقايا 26

روڪي ڇڏي آهي. پرڏيهي خابرو اداري موجب، ڪولمبيا جي صدر پيٽرول غزه ۾ امداد لاءِ گڏ ٿيل شهرين تي فائرنگ جو ذميوار اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو کي قرار ڏنو ڪولمبيا جي صدر اسرائيلي جارحيت تي احتجاجن يهودي رياست سان هٿيارن جي خريداري کي معطل ڪرڻ جو اعلان ڪيو ڪولمبين صدر پنهنجي بيان ۾ چيو ته خوراڪ وٺڻ لاءِ پهچندڙ هڪ سئو کان وڌيڪ فلسطينين تي اسرائيلي وزيراعظم گرليون هلرايون جيڪا نسل ڪشي آهي. هن چيو ته عالمي طاقتون تسليم ڪن يا نه، اسرائيلي ظلمن سان هولوڪاسٽ جي ياد تازي ٿي وئي آهي. عالمي برادري کي گهرجي ته اسرائيلي وزيراعظم سان رابطا ختم ڪري.

بقايا 27

14 مارچ 2024 تي ٿيندي. مذڪوره سيٽون سرفراز احمد بگٽي، پرنس احمد عمر احمدزئي ۽ مولانا عبدالغفور حيدري جي استعيفيٰ ڏيڻ سبب خالي ٿيون هيون. سينيٽ جي چونڊن لاءِ صوبائي اليڪشن ڪمشنر بلوچستان محمد فريد آفريدي کي ريٽرننگ آفيسر مقرر ڪيو ويو آهي. شيڊول موجب ريٽرننگ آفيسر طرفان پهرين مارچ تي پبلڪ نوٽيس جاري ڪيو ويو آهي جڏهن ته اميدوارن طرفان نامزدگي ڪاغذ 2 ۽ 3 مارچ صبح 08:30 کان شام 04:30 وڳي تائين جمع ڪرايا ويندا. شيڊول موجب نامزد اميدوارن جي نالن جي فهرست جي اشاعت 3 مارچ تي ٿيندي. ريٽرننگ آفيسر طرفان اميدوارن جي نامزدگي ڪاغذن جي جانچ پڙتال جي آخري تاريخ 5 مارچ آهي. جڏهن ته نامزدگي ڪاغذن جي منظور يا رد ٿيڻ خلاف اپيلون داخل ڪرڻ جي آخري تاريخ 7 مارچ 2024 آهي. اليڪشن ڪميشن موجب ٽربيونل طرفان اپيلون اڪلائڻ جي آخري تاريخ 9 مارچ رکي وئي آهي ساڳئي ڏينهن اميدوارن جي نظرثاني ٿيل فهرست جاري ٿيندي. اهڙي طرح نامزدگي

ڪاغذ واپس وٺڻ جي آخري تاريخ 10 مارچ مقرر ڪئي وئي آهي.

بقايا 28

ڪيو ويو. پرڏيهي ميڊيا موجب پنهنجي مڙس سان گڏ موٽر بائيڪ تي ڀارت گهمندڙ اسپين جو عورت جو ڀارتي رياست جهارکنڊ ۾ اڻڄاتل ماڻهن ريپ ڪيو جهارکنڊ جي ضلعي ڊمڪا ۾ اهو پرڏيهي جوڙو رات ڪئمپ ۾ گذارڻ لاءِ ترسيو هو ۽ اتي جمعي جي رات جوابدارن عورت کي هوس جو نشانو بڻايو پوليس موجب متاثر عورت رات 11 وڳي علائقي ۾ گشت تي مقرر هڪ پوليس جي گاڏي وٽ پهتي، جتان ڪيس علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته واقعي ۾ ملوث هجڻ جي شڪ تي ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي ۽ وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا 29

دوران تيز برسات جو امڪان آهي. موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته برساتن جو سبب بڻجندڙ هڪ ٻيو موسمياتي سسٽم ملڪ جي اولهه ۽ ڏکڻ علائقن ۾ وڌيڪ برساتن لاءِ پهچڻ وارو آهي. ڪجهه هنڌن تي آنڌاري ۽ جابلو علائقن ۾ برفباري جو امڪان آهي. موسميات کاتي موجب ايندڙ 12 کان 24 ڪلاڪن ۾ ملڪ جي اتر علائقن سميت خيبر پختونخواهه، گلگت بلتستان، آزاد جمون ۽ ڪشمير، پنجاب جي وچولن ۽ مٿين علائقن ۾ برسات جو امڪان آهي. اين جي ايم اي موجب، برساتن ڪانپوءِ ايندڙ برساتن جو سلسلو 5 کان 7 مارچ جي وچ ۾ شروع ٿيڻ جي به وارننگ ڏني آهي. برساتن جو نئون اسپيل بلوچستان سان گڏ خيبر پختونخواهه، ڪشمير، گلگت بلتستان ۽ پنجاب جي مٿين علائقن کي متاثر ڪري سگهي ٿو.

بقايا 30

ٻڌايو آهي ته رانوتي جي ڪچي واري علائقي رانوتي ٻيلو وٽ ڌوهاري ڌوهه ڪرڻ لاءِ سي پيڪ تي ڇڙهيا ته سي پيڪ 484 لوڪيشن وٽ پوليس مقابلو ٿي پيو پوليس ۽ ڌوهارين وچ مسلسل هڪ ڪلاڪ جي فائرنگ بعد ٿنهي ڌوهارين کي ماريو ويو آهي. مارجي ويل ڌوهارين جي سڃاڻپ بدنام ڌوهاري قبول شر، علي مراد نوٽ، شاهه مراد نوٽ طور ٿي آهي جڏهن ته مارجي ويل ڌوهارين جي قبضي مان هڪ عدد ڪلاشنڪوف هڪ عدد G3 رائفل برآمد ڪيون ويون آهن مقابلي دوران هڪ پوليس اهلڪار محمد امين چاچڙ زخمي ٿي پيو آهي جنهن کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ته وڌيڪ پوليس جي ڪارروائي جاري آهي.

بقايا 31

پرڏيهي ميڊيا موجب جوبائيڊن طرفان اهو اعلان غزه ۾ امدادي قافلي تي فلسطينين تي حملي ۽ جاني نقصان ڪانپوءِ سامهون آيو آهي آمريڪي صدر غزه ڏانهن خوراڪ ۽ ٻيو سامان پهچائڻ جو پهريون فوجي هوائي جهاز موڪلڻ جو اعلان ڪيو آهي. جوبائيڊن چيو ته آمريڪي هوائي جهاز اهو ڪم ايندڙ ڏينهن ۾ ڪندا. غزه ۾ اسان کي وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ آمريڪا ئي ڪندو، غزه ۾ امداد جو تسلسل ڪٽي به پورو ناهي ٿيو

بقايا 32

يقيني بڻائڻ عزم آهي. هر اسپتال ۾ ميرٽ تي ايم ايس لڳايا ويندا. ڪريشن تي رعايت نه هوندي. لاهور ۾ صحت جي حوالي سان اجلاس ۾ ڳالهائيندي مريم نواز چيو ته غريب ماڻهو کي ڪينسر جي علاج جون بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ خاص اسپتال قائم ڪئي ويندي، عوام کي صحت جون سهولتون در تي پهچائڻ لاءِ پائلٽ پراجيڪٽ لاهور کان شروع ڪيو ويندو. ان موقعي تي مريم نواز عوام کي مفت دوائن جي فوري طور فراهمي يقيني بڻائڻ جي به منظوري ڏني.

بقايا 33

سان بلوچستان جو وڏو وزير چونڊجي ويو آهي. پيپلز پارٽي ۽ مسلم ليگ (ن) جي گڏيل اميدوار مير سرفراز بگٽي کي 41 ميمبرن ووٽ ڏنو. وڏي وزير جي چونڊ لاءِ 33 ووٽن جي ضرورت هئي. وڏي وزير لاءِ صرف سرفراز بگٽي نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا هئا. ٻئي طرف بلوچستان جي وڏي وزير جي چونڊ ۾ جي يو آءِ ۽ نيشنل پارٽي جي صوبائي اسيمبلي ميمبرن ڪا شماري ۾ حصو نه ورتو. سرفراز بگٽي وڏو وزير چونڊجڻ کان پوءِ چيو ته خواهش آهي ته هيٺار ڪندڙ اسان

سان ڳالهيون ڪن. پيپلز پارٽي ڳالهين تي يقين رکي ٿي، بلوچستان ۾ بهتر اتحادين ۽ اپوزيشن کي گڏ کڻي هلنداسين. هن وڌيڪ چيو ته اڍائي سالن جي فارمولي جو مرڪزي قيادت ئي بهتر ٻڌائي سگهي ٿي.

بقايا 34

ثقافت کي دنيا جي قديم ثقافتن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو هن چيو ته بسنت هال حيدرآباد جي انتظاميه پاران سنڌ جي ثقافت جي فروغ لاءِ ڪيل ڪوششون ساراهه جوڳيون آهن. اطلاعات کاتي وارو صوبائي سيڪريٽري ندم الرحمان ميمڻ اڄ بسنت هال حيدرآباد ۾ "گريٽنيور آف مڪلي" جي عنوان سان نمائش جي افتتاح ڪرڻ جي موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو هو هن چيو ته مڪليءَ کي سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ اهم مقام حاصل آهي. مڪليءَ جو قبرستان سنڌ جي تاريخ جو شاهڪار نمونو آهي. اڄ جي نمائش جو مقصد ماڻهن کي مڪلي جي عظمت جي ڄاڻ ڏيڻ ۽ بيان ڪرڻ آهي. هن بهترين نمائش منعقد ڪرڻ تي بسنت هال حيدرآباد جي منتظمين جي ڪارڪردگي کي ساراهيو. ان موقعي تي ڊائريڪٽر بسنت هال شريف ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر پڻ ساڻس گڏ هئا ان کان اڳ سنڌ اطلاعات کاتي جي سيڪريٽري نمائش جو پڻ جائزو ورتو.

بقايا 35

جي چتن تي ڇپون ڪرڻ جي ڏار واقعن ۾ ٻارن سميت 13 ڇڻا فوت ٿي ويا. صوبائي گادي واري شهر ۾ وقفي وقفي سان پوندڙ برسات سبب هيٺاهين وارا علائقا پاڻي هيٺ اچي ويا جنهن سبب زندگي جو نظام مفلوج ٿي وئي پئي طرف مٿاهين وارن علائقن ۾ برفباري سبب اهڙن علائقن جو رابطو ٻين علائقن سان ڪاٽا ٿي ويو آهي. ڊي آءِ اي موجب بند رستن کي کولڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي پر لاڳيتو پوندڙ برفباري سبب ڪم ۾ رنڊڪ پئجي رهي آهي. هوڏانهن لوئر دير جي علائقي ۾ هڪ گهر جي ڇت تي مٽيءَ جي ڇپ ڪرڻ سبب 3 ڇڻا فوت ٿي ويا. ريسڪيو 1122 موجب ملبي هيٺيان 4 ڇڻن جي دٻجي وڃڻ جي اطلاع هئي جنهن تي ڪارروائي ڪندي 3 لاش ۽ هڪ زخمي کي ڪڍيو ويو آهي. فوت ٿي ويلن ۾ 25 ورهين جو زاهد ولد شير مولا، 23 ورهين جي عورت، 5 ورهين جي حريره جڏهن ته 3 ورهين جو طفل ارحم عمر زخمي ٿي پيو آهي ريسڪيو 1122 موجب باجوڙ غاخي ڪندو ماموند ۾ تيز برسات سبب ڪچي گهر جي ڪمري جي ڇت ڪرڻ سبب 3 ٻار فوت ٿي ويا. ڪنٽرول روم کي اطلاع ملندي ئي ڊيزاسٽر ۽ ميڊيڪل ٽيمون موقعي تي پهچي امدادي ڪارروايون شروع ڪيون ۽ مقامي ماڻهن سان ملي ٻارن کي ملبي مان ڪڍيو ويو مالاڪند ۾ امدادي اداري جي رپورٽ موجب تازن برساتن جي نتيجي ۾ بٽ خيل، خٽڪي قبرستان پرسان گهر جي ڇت ڪري پئي. جنهن ۾ 5 ڇڻا دٻجي ويا. ريسڪيو ٽيمن ملبي مان نور رحمان زال رحمان، 10 ورهين جي گلاشي، 7 ورهين جي حورا ۽ 5 ورهين جي ماهه نور کي ڪڍي جوڳي حالت ۾ ڪدي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن هڪ عورت زال نور رحمان ۽ 5 ورهين جي ڌيءَ ماهه نور جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪري ڇڏي.

بقايا 36

جي ٻاهر ويٺل نمائندن ۽ اسٽيڪ هولڊرن سان به مفاهمت سان هلنداسين. هن چيو ته اسان مفاهمت جي سوچ سان بلوچستان ۾ حڪومت هلائينداسين، صوبي جا مسئلا ڪو هڪ شخص يا سياسي جماعت حل نٿي ڪري سگهي. سندس چوڻ هو ته سرفراز بگٽي وڏي وزير طور پنهنجو پهريون دورو گوادر جو ڪندو، هو عوام کي رليف ڏيڻ جو اعلان ڪندو. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته پ پ سنڌ ۽ بلوچستان ۾ حڪومت سنڀالي رهي آهي، پارليامينٽ کان ٻاهر ويٺل اسٽيڪ هولڊرن کي انگيج ڪنداسين. پ پ چيئرمين وڌيڪ چيو ته محمود خان اڇڪزئي صدارتي چونڊ لاءِ جيڪڏهن پي ٽي آءِ جو اميدوار بڻجندو ته پاڻ کي قوم پرست نه چئي سگهندو.

بقايا 37

۾ پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو پيو وڃي. احتجاجي مظاهري کي خطاب ڪندي خرم شير زمان سميت تحريڪ انصاف جي مختلف اڳوائن چيو ته چونڊن ۾ پي ٽي آءِ جي ڪٽيندڙ اميدوارن جا نتيجا تبديل ڪيا ويا

LAW GRADUATE ASSESSMENT TEST (LAW-GAT)

For Eligibility to Seek Enrolment as An Advocate with Bar Council

A law graduate only becomes eligible to apply to a Bar Council for enrolment as an Advocate if he/ she qualifies the Law Graduate Assessment Test (Law-GAT), been conducted by the Higher Education Commission (HEC), Pakistan having been authorized by the Pakistan Bar Council (PBC), pursuant to the Order of the Hon'ble Supreme Court and read with Section 26 (cc) of Legal Practitioners and Bar Council's Act 1973 and rules of the PBC.

Eligibility Criteria

- Bachelor's degree in law or equivalent from a university recognized by HEC/PBC.

Test Type

- The test will consist of Multiple-Choice Questions (MCQs)

Curriculum

- Revised Curriculum of Law-GAT Test can be downloaded from **https://www.hec.gov.pk/english/services/students/etc/Documents/Curriculum- LAW-GAT-test.pdf**

Schedule

- The Law-GAT Test will tentatively be held on **March 31, 2024.** Any change in test date, due to unavoidable circumstances, shall be communicated to Candidates through **www.hec.gov.pk** and **http://etc.hec.gov.pk.**
- Applicants who register through HEC online registration process will download their Roll Number Slip through **http://etc.hec.gov.pk** a week before the test date.
- Email/SMS will be sent to registered applicants for test date, time, and venue. Candidates are required to provide a valid email/mobile number while filling the online application form.

Detail of Test Centers

- Applicants may select any test centre from the list available in the application registration form.
- The test will be held on any of the available test centres if a minimum of 250 applicants select that centre.
- Once selected, the test centre will not be changed after registration.

How to Register

- Please visit the following link: **http://etc.hec.gov.pk** for online registration.
- In case of any difficulty during online registration, please visit **onlinehelp.hec.gov.pk** or visit HEC Secretariat / HEC Regional Centres for guidance.
- Application submission comprises of two steps: profile completion using "My Profile" section and application submission using "Law Graduate Assessment Test" link on menu panel in left hand side bar of online portal.
- Only SUBMITTED applications will be considered for Law-GAT Test and applications in SAVE or INCOMPLETE mode will not be entertained.
- **Test Fee of Rs. 3000/- is to be deposited via 1Link 1Bill Invoice participating Banks/ATM/Internet Banking/Mobile Banking/JazzCash/Upaisa.**
- Once you have selected 1link 1bill Invoice payment service, open /sign in to your mobile app and click on Bill payment or payment services (as per your mobile banking app options).
- Click on 1Bill Invoice payment services and enter the consumer number generated by the ETC portal. Once you see the details, pay the amount. The test fee is non-refundable and non-transferable.
- After depositing the fee through 1link 1bill Invoice, click on Verify Online Payment on ETC Dashboard.
- The candidates must get queries/complaints resolved before the closure of the web registration portal. Queries/complaints handling beyond the registration deadline will be denied by the system due to logistics/security reasons.

Note: It is mandatory to bring a printout of Roll Number Slip and Original CNIC/Passport on test day. Otherwise, the candidate will not be allowed to take the exam.

Deadline for Online Registration
March 12, 2024 (4 pm)

Other Requirements/Conditions

- 50% score is required to pass the test.
- Applicants will have to meet other criteria, if any, as per Rules and Regulations of the PBC.
- Applicants will have a maximum of seven (7) chances to clear the test. HEC will conduct the test on a quarterly basis.

Higher Education Commission, Pakistan
Helplines: 051-111-119-432, 0334-111-9432
lawbal@hec.gov.pk 051-111-119-432, 0334-1119432 HECPakistan2002 hecpkofficial

PID(I)5252-D/23